REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اڱارو 26 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 12 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 210

اسان کي هڪ پرعزم مضبوط قوم طور اڀرڻ جي لاءِ متحد ۽ ڀڏي جو مظاهرو ڪرڻو پوندو: آرمي چيف

چيف آف آرمي اسٽاپ عيسائي برادري سان گڏ ڪرسمس تقريبن جي سلسلي ۾ ڪرائيسٽ چرچ راولپنڊي ۾ شرڪت ڪئي: آءِ ايس پي آر

چرچ انتظاميا آرمي چيف کي پليڪار ڪندي مذهبي ڏينهن جي حوالي سان تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ تي سنڌس ٿورا مڃيان

قائد اعظم فرمايو، اوهان آزاد آهيو، اوهان پنهنجن مندرن ۾ وڃڻ جي لاءِ آزاد آهيو، اوهان هن پاڪستان جي رياست ۾ پنهنجي مسجدن يا ڪنهن ٻئي عبادتگاهن ۾ وڃڻ لاءِ آزاد آهيو

آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير ڪرائسٽ چرچ راولپنڊي ۾ مسيحي برادري سان ڪرسمس تقريب ۾ شرڪت ڪئي : آءِ ايس پي آر

آرمي چيف پاڪستان ۾ رهندڙ سموري مسيحي برادري کي ڪرسمس جي تهوار جي مبارڪباد ڏني، آرمي چيف مذهبي برادري جي لاءِ احترام جو اظهار ڪيو

راولپنڊي (م ر) آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير چيو آهي ته ملڪ جا دشمن مذهبي، نسلي ۽ سياسي ڪمزورين کي استعمال ڪندي ڏار وجهڻ چاهين ٿا. اسان کي هڪ پرعزم ۽ مضبوط قوم جي طور تي اڀرڻ جي لاءِ گڏ ٿيڻو پوندو. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير ڪرائسٽ چرچ راولپنڊي ۾ مسيحي برادري سان ڪرسمس تقريب ۾ شرڪت ڪئي. چرچ انتظاميه آرمي جي آجيان ڪئي ۽ تهوار ۾ شرڪت تي سنڌس ٿورو به ادا ڪيو. آرمي چيف پاڪستان ۾ رهندڙ سموري مسيحي برادري کي ڪرسمس جي تهوار جي مبارڪباد ڏني. آرمي چيف مذهبي برادري جي لاءِ احترام جو اظهار ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير ڪرائسٽ چرچ راولپنڊي ۾ مسيحي برادري کي ڪرسمس تقريب دوران خطاب ڪندي

نفرت ۽ گار گندواري سياست دفن ڪري مسئلن جو مقابلو ڪري سگهون ٿا: بلاول

18 هين ترميم جي باوجود 17 وزارتون صوبن ڏانهن منتقل نه ٿيون. اسان انشاءالله اهي وزارتون ختم ڪنداسين. انهن تي خرچ ٿيندڙ 300 ارب روپيه عوام تي خرچ ڪنداسين

مسئلا تمام گهڻا آهن پر انهن جو حل به موجود آهي. اسان کي تاريخي مهانگائي، غربت ۽ بيروزگاري جو مقابلو ڪرڻو آهي

اسان ورهاست، نفرت ۽ گارين جي سياست کي ختم ڪري مسئلن جو مقابلو ڪري سگهون ٿا. حڪومت ملي ته 17 وزارتون ختم ڪري انهن جا پئسا عوام تي خرچ ڪنداسين

اسان کي ملڪ ۾ موجود تاريخي بيروزگاري، غربت ۽ مهانگائي جو مقابلو ڪرڻو آهي. حڪومت ملي ته 17 وزارتون ختم ڪري پئسا عوام تي خرچ ڪنداسين

جنهن خاندان جا 2 ماڻهو پورهيو ڪري رهيا آهن انهن جي پگهار 10 سال اڳ 10 هزار هوندي هئي ته انهن جو گذارو ٿي ويندو هو. اڄ جي معاشي صورتحال ۾ انهي خاندان جو گذارو ڪرڻ مشڪل آهي

شهيد بينظير ڀٽو جو خواب عورتن لاءِ هو. ڪيڊٽ ڪاليج جا شاگرد شهيد بينظير ڀٽو جو خواب پورو ڪري رهيا آهن. پراڻا سياستدان پاڪستان جو ماضي آهن. اوهان پاڪستان جو مستقبل آهيو

نوابشاهه (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته مسئلا تمام گهڻا آهن پر انهن جو حل به موجود آهي. اسان کي تاريخي مهانگائي، غربت ۽ بيروزگاري جو مقابلو ڪرڻو آهي. اسان ورهاست، نفرت ۽ گارين جي سياست کي ختم ڪري مسئلن جو مقابلو ڪري سگهون ٿا. حڪومت ملي ته 17 وزارتون ختم ڪري انهن جا پئسا عوام تي خرچ ڪنداسين. نوابشاهه جي ڪيڊٽ ڪاليج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نوابشاهه: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪيڊٽ ڪاليج ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

نگران وزيراعليٰ سنڌ، نگران وزير اطلاعات سان گڏ مسيحي برادري کي ڪرسمس جي مبارڪباد پيش ڪئي

خوشي جا ٻئي موقعا قائد اعظم محمد علي جناح جي سالگره ۽ ڪرسمس گڏ ملهائي رهيا آهيون : نگران وزيراعليٰ سنڌ

قائد اعظم محمد علي جناح اسان کي تنوع (ڊائورسٽي) ۾ گڏجي رهڻ جو پيغام ڏنو آهي: نگران وزيراعليٰ سنڌ جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر

نگران سنڌ حڪومت صوفي بزرگن جي تعليمات موجب صوبي جي عوام کي بغير ڪنهن فرق جي خدمت تي يقين رکي ٿي: محمد احمد شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جي سالگره جي موقعي تي مزار قائد تي فاتحه خواني ڪرڻ بعد سنڌ جي اطلاعات، اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ واري نگران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پ پ جو مستقبل روشن آهي، پي ٽي آءِ وارن کي محنت ڪرڻي پوندي: آصف علي زرداري

نوابشاهه ۾ اڳوڻو صدر آصف زرداري نامزدگي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ لاءِ ريٽرننگ آفيس جي آفيس پهتو ۽ ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ ڪرائي

چيف جسٽس ڇٽي ڇڏيو آهي ته چونڊون ضرور ٿينديون، پيپلزپارٽي جو مستقبل روشن آهي انشاءالله اسان حڪومت ٺاهينداسين

ياد رهي ته آصف علي زداري نوابشاهه مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 207 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا

نوابشاهه (رپورٽر) اڳوڻي صدر ۽ نوابشاهه جي تڪ اين اي 207 تان پيپلزپارٽي جي اميدوار آصف علي زرداري چيو آهي ته پي ٽي آءِ وارا ڀريان بنا محنت جي اچي ويا هئا هاڻ ڪين محنت ڪرڻ گهرجي. نوابشاهه ۾ اڳوڻو صدر آصف زرداري نامزدگي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ لاءِ ريٽرننگ آفيس جي آفيس پهتو ۽ ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ ڪرائي. ان موقعي تي صحافين سان ڳالهيون ڪندي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو ته چيف جسٽس ڇٽي ڇڏيو آهي ته چونڊون ضرور ٿينديون. پيپلزپارٽي جو مستقبل روشن آهي. انشاءالله اسان حڪومت ٺاهينداسين پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

نوابشاهه: اڳوڻو صدر آصف زرداري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

تحريڪ انصاف جو بيٽ جو نشان کسجڻ واري فيصلي خلاف پشاور هاءِ ڪورٽ وڃڻ جو اعلان

اليڪشن ڪميشن طرفان چونڊ نشان واپس وٺڻ جي خلاف سڀاڻي پشاور هاءِ ڪورٽ ويندا سين: پي ٽي آءِ ترجمان معظم بٽ

اليڪشن ڪميشن غيرقانوني فيصلو ڪيو آهي، غير لاڳاپيل شخص جي درخواست تي چونڊ نشان واپس وٺڻ غيرقانوني آهي

اسلام آباد (بيورو) تحريڪ انصاف چونڊ نشان ڪيس تي اليڪشن ڪميشن جي فيصلي خلاف پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ وڃڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. تحريڪ انصاف جي مرڪزي ترجمان معظم بٽ چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن طرفان چونڊ نشان واپس وٺڻ جي خلاف سڀاڻي پشاور هاءِ ڪورٽ ويندا سين. ڪيس بابت پٽيشن تيار ڪري ورتي آهي. معظم بٽ چيو ته اسان جي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نصرت سحر عباسي سياست کان ڌار، مستقبل رهائش لاءِ ڪينيڊا رواني

نصرت سحر عباسي 2002 کان 2018 تائين مسلم ليگ فنڪشنل جي ٽڪيٽ تي 3 ڀيرا مخصوص سيٽ تي اسيمبلي ميمبر بڻجي هئي

نصرت سحر عباسي سنڌ اسيمبلي ۾ ڀرپور طريقي سان اپوزيشن جو ڪردار ادا ڪندي رهي، عوام ۽ عورتن جا مسئلا، ڪرپشن، جعلي ڀرتين سميت اهم معاملن کي اجاگر ڪيو

عوام ۽ عورتن جا مسئلا، ڪرپشن، جعلي ڀرتين سميت اهم معاملن کي اجاگر ڪيو، نصرت سحر عباسي سياست کي الوداع ڪري هاڻ ڪينيڊا منتقل ٿي رهي آهي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ لاڳيتو 3 ڀيرا عورتن جي مخصوص سيٽ تي ڪامياب ٿيندڙ نصرت صحر عباسي سياست کي الوداع ڪري ڇڏيو آهي. نصرت سحر عباسي 2002 کان 2018 تائين مسلم ليگ فنڪشنل جي ٽڪيت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ مسيحي برادري پاران ڪرسمس جو ڏهاڙو مذهبي جوش جذبي سان ملهايو ويو

مسيحي برادري جي زندگي جي هر شعبي ۾ اهم ڪردار اسان جو ڪنڌ فخر سان مٿي ڪيو آهي: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ

اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر شهباز شريف به مسيحي برادري کي ڪرسمس جي مبارڪباد پيش ڪئي

پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي ڪيٿيڊرل چرچ لاهور ۾ ڪرسمس جي تقريبن ۾ شرڪت ڪري ڪيڪ ڪاٽيو

اسلام آباد (بيورو) سڄي دنيا جيان پاڪستان ۾ به مسيحي برادري ڪرسمس جو ڏهاڙو جوش جذبي سان ملهايو. مذهبي تهوار لاءِ گرجا گهرن ۾ خصوصي عبادتن، تقريبن جو اهتمام ڪيو ويو. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ڪرسمس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پيپلزپارٽي اقليتن ۾ وڏي آبادي واري ميگهواڙ برادري کي مڪمل نڪرائي ڇڏيو

پراڻن جيالن ڪتو مل، گيانچند، سريندر ولاسائي جي مقابلي ۾ سندن مخالف ۽ پرٽيون بدلائيندڙ لوڻن راڻن کي ترجيح

نواز ليگ سنڌ مان عورتن ۽ اقليتي مخصوص سيٽن تي نيلم ڪماري کي پهرين نمبر تي رکيو

پ پ جي اهڙي غير منصفاڻا عمل تي هيٺين ذاتين ۾ شديد ڏک ۽ غصي جي لهر

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي اقليتن جي مخصوص سيٽن تي وڏي آبادي رکندڙ هيٺين ذاتين کي مڪمل طور تي نڪرائي ڇڏيو. اڪثريت رکندڙ ميگهواڙ برادري جي پراڻن جيالن ڪتو مل، گيانچند، سريندر ولاسائي جي مقابلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ فوڊ اٿارٽي يوسف بشير کي سيفٽي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري ڇڏيو

ڪراچي(رپورٽر) يوسف بشير قريشي وائي بي ڪيو هڪ مشهور فيشن ڊزائنر، فوٽوگرافر، پينٽر، فوڊ سائنٽسٽ ۽ فارمر کي سنڌ فوڊ اٿارٽي جو فوڊ سيفٽي اينڊ هائجين ايڊمنسٽريٽر پروگرام تحت سنڌ صوبي لاءِ فوڊ سيفٽي اينڊ هائجين ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ فوڊ اٿارٽي هائجين ايڊمنسٽريٽر پروگرام شروع ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تحت مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ نامور شخصيتن ۽ ان تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد ۾ احتجاج ڪندڙ بلوچن سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي، گرفتار مظاهرين آزاد ڪيو ويو

مظاهرين جون ضمانتون منظور ٿي ويون آهن جنهن کان پوءِ اسلام آباد ۾ گرفتار ڪيل مظاهرين کي آزاد ڪيو ويو آهي: پوليس ترجمان

گرفتار ماڻهن جا وارث معلومات ۽ مدد جي لاءِ رابطو ڪن ته جيئن قانوني مدد ڪري سگهجي

مظاهرين حڪومت جي وزيرن واري ڪميٽي ۽ بلوچستان جي گورنر کان گرفتار ماڻهن کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد ۾ نيشنل پريس ڪلب جي سامهون احتجاج ڪندڙ بلوچ يڪجهتي ڪميٽي جي مظاهرين سان حڪومتي ٽيم جي ڳالهين ۾ اهم اڳڀرائي سامهون اچي وئي آهي. گرفتار ٿيل مظاهرين کي آزاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مزار قائد تي گارڊز جي تبديلي واري تقريب

تقريب دوران ڪاڪول دستي ذميواري سنڀالي ورتي

تقريب جو خاص مهمان ميجر جنرل افتخار حسن چوڌري هو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ مزار قائد تي گارڊ جي تبديلي پر وقار تقريب منعقد ٿي، مزار قائد تي پاڪستان ملٽري اڪيڊمي (ڪاڪول) جي دستي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

گورنر سنڌ پاران ڪرسمس جي موقعي تي گرجا گهرن جا دورا

پاڪستان ۽ سڄي دنيا جي مسيحي برادري کي مبارڪباد ڏيان ٿو: ڪامران ٽيسوري

وفاقي حڪومت کي خط لکيو آهي ته مسيحي برادري جي مخصوص ڪوٽا سسٽم ۾ 5 کان 10 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سينٽ اينڊريوز چرچ ۽ هولي ٽرينٽي ڪيٿڊرل جو دورو ڪيو. گورنر سنڌ ڪرسمس جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو. سنڌ جي گورنر چيو ته پاڪستان ۽ سڄي دنيا جي مسيحي برادري کي مبارڪباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي باني قائد اعظم جي جنم ڏينهن جو ڪيڪ ڪاٽي رهيو آهي

بلاول ۽ آصفه ڀٽو زرداري ڪراچي ڪنهن به تڪ تي نامزدگي ڪاغذ جمع نه ڪرايا

بلاول ڀٽو زرداري 2018 ۾ لياري کان چونڊ سياست جي شروعات ڪئي هئي

ڪراچي جي جيالن جي علائقي لياري تان قومي اسيمبلي جي سيٽ ڀٽو جي نالي سان سڃاتي ويندي آهي

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي جو چونڊ ميدان ڇڏي ڏنو آهي. بلاول ڀٽو ڪراچي جي ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

عام چونڊن لاءِ جمع ڪرايل نامزدگي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ جو عمل شروع

اسڪروٽني ۾ ڪاغذ رد يا منظور ٿيڻ خلاف اليڪشن ٽربيونلز ۾ اپيل ٿي سگهندي

ريٽرننگ آفيسرن جي فيصلن خلاف سڀاڻي اڱاري 26 ڊسمبر کان اپيلون داخل ڪري سگهبيون

سلام آباد (بيورو) سڄي ملڪ ۾ ايندڙ عام چونڊن جو ٻيون مرحلو شروع ٿي ويو آهي. اڄ کان جمع ٿيل سمورن نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

راولپنڊي جي ڊوڪ ڪالا خان اسٽاپ وٽ حادثو، 4 ڄڻا فوت ۽ 5 ڄڻا زخمي

اسلام آباد ايڪسپريس وي جي هنڌ تي ڊوڪ ڪالا خان اسٽاپ ويجهو خوفناڪ روڊ حادثو پيش آيو

سمورن زخمين کي فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو

راولپنڊي(م ر) اسلام آباد ايڪسپريس وي تي خوفناڪ روڊ حادثي جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا فوت جڏهن ته 5 زخمي ٿي پيا آهن. رپورٽ موجب راولپنڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ماضي جا وڏا وڏا نالا ايندڙ عام چونڊن کان ٻاهر

چوڌري شجاعت حسين، شاهد خاقان عباسي، مفتاح اسماعيل، نيئر بخاري چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي

اڳوڻن وفاقي وزيرن اسد عمر، علي نواز اعوان، علي زيدي، خسرو بختيار به اليڪشن کان ٻاهر ٿي ويا آهن

اسلام آباد (بيورو) ماضي جي ڪيترن ئي وڏن نالن ايندڙ عام چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اڳوڻي وزيراعظم چوڌري شجاعت حسين. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پاڪ فضائيا پاران باني پاڪستان جي يوم پيدائش تي ڪيس پيٽا پيش

پاڪ فضائيا ان حوالي سان هڪ مختصر وڊيو به جاري ڪئي آهي

وڊيو ۾ قائد اعظم کي برصغير جي مظلوم مسلمانن ۾ اميد جي روشني ۾ ڊيڪاريو ويو آهي

لاهور (م ر) باني پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح جي يوم پيدائش تي پاڪ فضائيا پاران ڪيس پيٽا پيش ڪئي وئي آهي. پاڪ فضائيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ بعد عام چونڊن جي تياري ٻي مرحلي ۾ داخل

گذريل 5 ڏينهن دوران ملڪ ۾ هزارين اميدوارن قومي ۽ صوبائي اسيمبلي لاءِ ڪاغذ جمع ڪرايا

اسلام آباد (بيورو) نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ بعد عام چونڊن جون تياريون ٻي مرحلي ۾ داخل ٿي ويون آهن. جڏهن ته اليڪشن ڪميشن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

صدر عارف علوي، گورنر سنڌ ۽ نگران وڏي وزير جي مزار قائد تي حاضري

گورنر سنڌ مزار تي فاتحه خواني گلن جي چادر چاڙهي ۽ ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعا پڻ ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي صدر مملڪت ڊاڪٽر عارف علوي، سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ميرپورخاص جي عوام کي لوڊشيڊنگ فري ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو: نگران وڏو وزير

حڪومت پاران ميرپورخاص جي عوام لاءِ لوڊشيڊنگ مفت بجلي جي سهولت شروع ڪئي پئي وڃي، حيسڪو انتظاميا ۽ انهن جي پوري ٽيم خاص ڪري مزدورن کي منهنجو سلام آهي

عوام کي اپيل ڪريان ٿو ته هو پنهنجي قومي ذميواري جو مظاهرو ڪندي بجلي جو قانوني طريقي سان استعمال ڪن ۽ بجلي چوري ۽ سندن سهولتڪارن خلاف هن مهم ۾ حڪومت سان ڀرپور سهڪار ڪن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته قائداعظم محمد علي جناح جي جنم ڏهاڙي جي موقعي تي ميرپورخاص شهر کي بجلي جي لوڊشيڊنگ فري زون بڻايو ويو آهي جيڪا خوشي جوڳي ڳالهه آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي مان وڊيو لنڪ ذريعي ميرپورخاص کي باقاعده لوڊشيڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

نيب جي اليڪشن سيل سمورن ليگي اميدوارن کي ڪليئر ڪري ڇڏيو

پلي بارگين ڪندڙ ۽ سزا يافته اميدوار اليڪشن جي لاءِ اهل ناهي

لاهور (م ر) اليڪشن وڙهندڙ اميدوارن جي نيب اسڪروٽني ۾ نوازشريف، مريم نواز سميت ن ليگ جا سمورا اميدوار ڪليئر قرار ڏنا ويا آهن. تجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري سان حارث نواز جي ملاقات ڪئي

عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري

پوليس جي گشت ۾ واڌ، سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو

نگران صوبائي گهرو وزير پاران سنڌ جي گورنر کي امن امان برقرار رکڻ جي قدمن تي تفصيلي بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان نگران صوبائي گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز گورنر هائوس ۾ ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: بلوچ مظاهري ۾ ماهرنگ بلوچ گم ٿي ويل پيارن جا فوٽو ڪٽي احتجاج ڪندي

اليڪشن ڪميشن عام چونڊن لاءِ اميدوارن جا بينرز ڇاپڻ جي حوالي سان هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

اسلام آباد (بيورو) اليڪشن ڪميشن چونڊ اميدوارن جي بينرز لاءِ هدايتون جاري ڪري ڇڏيو آهن. ايندڙ عام چونڊن جي لاءِ سياسي پارٽين ۽ آزاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي ڊي ايم خلاف گهٽين ۽ پاڙن ۾ مهم هلائيندس: شيخ رشيد

منهنجي ۽ منهنجي ڀائيٽي راشد شفيق ٻنهي جا ڪاغذ منظور ٿي ويا آهن. اليڪشن ۾ ڀرپور نموني حصو وٺنداسين

اسان جو ڪنهن سان به جهڳڙو ناهي، منهنجي لاءِ سڀ احترام قابل آهن. پي ٽي آءِ وارا مون کي ووٽ ڏيندا

17 ڀيرا وزير رهي چڪو آهيان، پر هن وقت تائين مون تي ڪرپشن ڪو الزام ناهي لڳو

راولپنڊي (م ر) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته گهٽين ۽ پاڙن ۾ اڳوڻي حڪمران اتحاد پي ڊي ايم خلاف چونڊ مهم هلائيندس. شيخ رشيد ۽ اڳوڻو ايم اين اي شيخ راشد شفيق نامزدگر ڪاغذن جي اسڪروٽني جي لاءِ آر او آفيس پهتا. شيخ رشيد اين اي 56 جي لاءِ ڪاغذ جمع ڪرايا آهن. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي شيخ رشيد چيو ته منهنجي ۽منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

قائداعظم جي تعليم تي عمل ڪري ئي ملڪ ترقي ڪري سگهي ٿو: مرتضيٰ سولنگي

8 فيبروري 2024 ع تي جڏهن عام چونڊون ٿينديون ته هي ملڪ پنهنجي منزل طرف هلندو

قائداعظم هميشه پرامن سياسي جدوجهد تي يقين رکندو هو. اسان جو آئين وفاقي جمهوريت تي ٻڌل آهي

هي ملڪ هن جا چونڊيل نمائندائي هلائيندا. موجود نگران حڪومت آئين آرٽيڪل 224 جي پيداوار آهن

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته قائداعظم جي تعليم تي عملدرآمد سان ئي ملڪ ترقي ڪري سگهي ٿو. 8 فيبروري 2024 ع تي جڏهن عام چونڊون ٿينديون ته هي ملڪ پنهنجي منزل طرف هلندو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پ پ مخالف اتحاد 18 هين ترميم، صوبائي خودمختياري جي خلاف ۽ نئين صوبي جي قيام لاءِ آهي: نثار احمد کهڙو

پيپلزپارٽي سڀني سياسي جماعتن جو احترام ڪري ٿي ۽ اقتدار خاطر ڪنهن به سازش جو حصو نه بڻجندي

ن ليگ، ايم ڪيوايم پاڪستان ۽ جي ڊي اي جو اتحاد 18 هين ترميم، صوبائي خودمختياري جي خلاف ۽ نئين صوبي جي قيام لاءِ آهي

اسين عوام کي صرف پنهنجي قوت سمجهون ٿا. ٻلي ٻيون سياسي جماعتون لاڏلو ٿيڻ جي ڪوشش ڪن: ميڊيا سان ڳالهيون

لاڙڪاڻو(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر سينيٽر نثار کهڙو چيو آهي ته پيپلز پارٽي سڀني سياسي جماعتن جو احترام ڪري ٿي ۽ اقتدار خاطر ڪنهن به سازش جو حصو نه بڻجندي ۽ ملڪ ۾ لاڏلو ڪلچر پيدا ڪرڻ جو تاثر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ ۾ عام چونڊن جي لاءِ مجموعي طور تي 9140 نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا

سنڌ ۾ قومي اسيمبلي جي 61 سيٽن جي لاءِ 2555 فارم جمع ڪرايا ويا، صوبائي اسيمبلي جي 130 سيٽن جي لاءِ 6585 فارم جمع ڪرايا آهن

نامزدگي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ 30 ڊسمبر تائين جاري رهندي سمورا اميدوار ضابطه اخلاق تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ: اليڪشن ڪميشن

پرامن صاف شفاف چونڊن لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا ويندا. اليڪشن ڪميشن پنهنجي آئيني ذميواري ادا ڪرڻ جي لاءِ مڪمل طور تي تيار آهي

ڪراچي (رپورٽر) عام چونڊن جي لاءِ سنڌ ۾ مجموعي طور تي 9140 نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا آهن. سنڌ ۾ قومي اسيمبلي جي 61 سيٽن جي لاءِ 2555 فارم جمع ڪرايا ويا. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ملڪ ۾ معاشي ۽ سياسي بحران جي ذميواري حڪمران جماعتن مٿان عائد ٿئي ٿي: محمد حسين محنتي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته ملڪ ۾ معاشي ۽ سياسي بحران جي ذميواري سابق حڪمران جماعتن مٿان عائد ٿئي ٿي، جن ملڪي استحڪام، معاشي ترقي ۽ عوام جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ بدران پنهنجي ذاتي مفادن ۽ آءِ ايم ايف جي ايجنڊي جي تڪميل ڪئي جنهن جي ڪري اڄ ملڪ مهانگائي، معيشت جي تباهي ۽ دهشتگردي جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: مسيحي برادري طرفان ڪرسمس جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

سانگهڙ ۾ ايندڙ عام چونڊن 2024 جي سلسلي ۾ قومي سيٽن لاءِ 694 ۽ صوبائي لاءِ 260 فارم جاري ٿيا

ايندڙ عام چونڊن 2024 جي سلسلي ۾ نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 24 ڊسمبر 2023 تائين قومي اسيمبلي جي سيٽن لاءِ ٽوٽل 694 فارم جاري ٿيا

جن مان 72 مرد ۽ عورت اميدوارن نامزدگي فارم جمع ڪرايا جڏهن ته صوبائي اسيمبلي جي سيٽن لاءِ 260 فارم جاري ٿيا

صوبائي اسيمبلي جي سيٽن لاءِ 260 فارم جاري ٿيا جن مان 188 مرد ۽ عورت اميدوارن پنهنجا نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن

سانگهڙ(رپورٽر) سانگهڙ ۾ ايندڙ عام چونڊن 2024 جي سلسلي ۾ نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 24 ڊسمبر 2023 تائين قومي اسيمبلي جي سيٽن لاءِ ٽوٽل 694 فارم جاري ٿيا جن مان 72 مرد ۽ عورت اميدوارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڍاڀيجي مهراڻ ٽي وي جي رپورٽر ۽ ڍاڀيجي پريس ڪلب جي ميمبر تي حملو

ڍاڀيجي پريس ڪلب جي ميمبر شبير احمد جي مٿان حملو ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪيو

بشام جوکيو مشتاق پنهور محمد علي ناهيو ياسين جوکيو گلزار جوکيو حفيظ جوکيو احتجاج ڪيو

مظاهرين پاران پريس ڪلب جي ميمبرن پاران احتجاجي مظاهرو جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

گهارو (رپورٽر: بشام جوکيو) ڍاڀيجي مهراڻ ٽي وي جي رپورٽر ۽ ڍاڀيجي پريس ڪلب جي ميمبر شبير احمد خاصخيلي جي مٿان حملو ڪندڙ پير بخش خاصخيلي ۽ سنڌس سائين کي پوليس پاران گرفتاري نه ڪرڻ خلاف ڍاڀيجي پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

DHABEJI
PRESS CLUB

گهارو: رپورٽر جي گهر تي حملي خلاف صحافي احتجاج ڪري رهيا آهن

ماتلي جي غريب آباد پاڙي جي
رهواسڻ بيواهه پاران ڏيرن خلاف
احتجاجي مظاهرو

ماتلي (رپورٽر) ماتلي جي غريب آباد پاڙي جي رهواسڻ بيواهه پنهنجي ڏيرن ۽ ان جي پٽن خلاف ڌاڻهيندي سٽي پريس ڪلب ماتلي پهچي وٺي ميڊيا سان ڳالهائيندي بيوه الهه بچائي نوتڪاڻي چيو ته هڪ پروفيسر جو پٽ جيڪو پڻ استاد آهي روبرو ۽ واٽس ايپ تي موتڪي گنديون گاريون ڏنيون آهن ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪرسمس جي موقعي تي سکر ۾ ڪرسمس انتهائي جوش ۽ خروش سان ملهايو ويو

مسيحي برادري مذهبي ڏڻ ڪرسمس انتهائي عقيدت، احترام، جوش ۽ خروش سان ملهايو

ڪيڪ پڻ ڪاٽيو، عقيدتمندن کي منهن ڏيڻ لاءِ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) ڪرسمس جي موقعي تي سڄي ملڪ وانگر سکر ۽ ان جي پرپاسي ۾ به مسيحي برادري پنهنجو مذهبي ڏڻ ڪرسمس انتهائي عقيدت، احترام، جوش ۽ خروش سان ملهائيو ويو، سکر جي گرجا گهرن ۾ خاص تقريبون منعقد ڪيون ويون. سکر جي سينٽ سيويئر چرچ ۽ سينٽ ميري چرچ ۾ منعقد ڪيون ويون. تقريب ۾ عيسائي برادري جي مردن، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پي ٽي آءِ سينيئر اڳواڻ حاجي گوهر خان کوسا پاران نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

پي ايس 24 تان چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهيون

تحريڪ انصاف جي اميدوار کي عوام جي طاقت (ووٽ) سان ڀرپور ڪاميابي ملندي: ميڊيا سان ڳالهيون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پي ٽي آءِ سينيئر اڳواڻ حاجي گوهر خان کوسا عام چونڊن 2024ع ۾ قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 200 ۽ صوبائي اسيمبلي جي تڪ پي ايس 24 تان چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي خيالن جو اظهار ڪيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوار کي عوام جي طاقت (ووٽ) سان ڀرپور ڪاميابي ملندي ۽ مخالفن جي ننڊ اڏامي ويندي، پي ٽي آءِ سڄي ملڪ مان عام چونڊن ۾ حصو وٺي رهي آهي. ۽ پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

هالا ۾ 31 ڊسمبر آچر جي ڏهاڙي
بي بي فاطمه جي شهادت جي
حوالي سان مجلس ٿيندي

مٽياري (بر) هالا ۾ 31 ڊسمبر آچر جي ڏهاڙي بي بي فاطمه جي شهادت جي حوالي سان امام بارگاهه مخدوم غلام حسين ۾ هڪ مجلس عزا منعقد ڪئي ويندي. امام بارگاهه جي خدمتگار مخدوم سهيل الزمان مطابق مجلس ۾ ملڪ جو نالي وارو عالم علامه ظهير الحسن آفاقي خطاب ڪندو جڏهن ته ذاڪر يوسف رضا شيخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر: پي ٽي آءِ اڳواڻ چونڊن جي سلسلي ۾ نامزدگي فارم جمع ڪرائيندي

ناروشاهه ٽائون انتظاميا جي نااهلي سبب ناروشاهه ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو، شهري پريشان

وارڊ نمبر 6 هريپور خانزاده پيٽرول پمپ جي پويان نئي آبادي ۾ ڪيڏندي رولو ڪتن حملو ڪيو

سوين رولو ڪتا گهمندا آهن اسان ڪيترائي ڀيرا اها شڪايت ٽائون عملي کي ڪئي آهي: علائقي واسي

ڪتا مار مهم شروع ڪئي وڃي جيئن ويڪ ڪنهن ٻارڙي ڪتن جي ڏاڙهڻ کان بچائي سگهجي: ڳالهيون

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه ٽائون انتظاميا جي نااهلي سبب ناروشاهه ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو، ويواچ هڪ وڌيڪ ٻارڙو ڪتن جي ڏاڙهڻ ڪري زخمي ٿي پيو خبر موجب وارڊ نمبر 6 هريپور خانزاده پيٽرول پمپ جي پويان نئي آبادي ۾ حماد خانزاده ولد عارف خانزاده لاٽين مين کي راند ڪيڏندي رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته ٻارڙي جي رڙين تي ماڻهن پهچي ڪيس بچايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ميئر جا فرنٽ مين ٺيڪدار اليڪشن ويجهو ايندي ئي ايڊوانس ڪيدرائي هڙپ ڪري ويا

سکر جا ترقياتي ڪم رولڙي جو شڪار ڪم مڪمل ٿي نه سگهيا ترقياتي ڪم روڊ تعمير نه ٿيا

مختلف روڊن تي کوٽائي ڪري 8 فٽ جا کڏا کوٽائي ۽ روڊن کي اکيڙي اڌ ۾ ڇڏي ويا

شڪارپور روڊ. دادو چوڪ نئون ڳوٺ. نيو پنڊ. بئراج روڊ. ايڪسائيز روڊ. بئراج روڊ متاثر

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ميئر جا فرنٽ مين ٺيڪدار اليڪشن ويجهو ايندي ترقياتي ڪمن واري رقم ايڊوانس ڪيدرائي هڙپ ڪري ويا سکر جا ترقياتي ڪم رولڙي جو شڪار ڪم مڪمل ٿي نه سگهيا ترقياتي ڪم روڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊوڄام ويجهو هٽڙي ٽاٽي
جي حد ۾ پورهيت ڪان ڦر،
مزاحمت تي زخمي

ٽنڊوڄام (رپورٽر) ٽنڊوڄام ويجهو هٽڙي ٽاٽي جي حد ۾ پورهيت ڪان ڦر، مزاحمت تي زخمي، خبر موجب ٽنڊوڄام ويجهو هٽڙي ٽاٽي جي حد مان ڳوٺ صاحب خان نونداڻي جو پورهيت امداد علي نونداڻي مسوپرڳڙي کان ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هو ته ٽن نامعلوم بت پڌل هٿيار بندن پورهيت امداد نونداڻي کي موٽر سائيڪل تان ڪيرائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر: ترقياتي اسڪيم نامڪمل ٿيڻ سبب کڏي ۾ بيٺل پاڻي نظر اچي رهيو آهي

جمهوريت جو مطلب رڳو عددي واڌ ناهي: شفافيت، احتساب ۽ برابري عوام جي حق ۾ آهي: عبدالقادر چاچڙ

بيلٽ پيپر تي ٺپو صحيح لڳندو ته مُلڪي تقدير بدلجي ويندي، سياست نفرت لاءِ نه ٿيڻ گهرجي

سياست مُلڪ ۽ مُلڪي عوام جي خدمت لاءِ هجڻ گهرجي، ترقيءَ جي رفتار کي تيز ڪرڻو پوندو

بيروزگاريءَ جو خاتمو آڻڻو پوندو، مُلڪ ترقي ڪندو ته خوشحال ٿيندو ۽ غربت جو خاتمو ايندو

سکر (رپورٽر) ملڪي قيام کان وٺي اها خواهش رهي آهي ته پاڪستان هڪ حقيقي وفاقي فيڊريشن هجي، هن مُلڪ ۾ رهندڙن سياسي ماڻهن ۽ سمجهدارن جو اهو به خواب رهيو آهي ته مُلڪ ۾ حقيقي طور جمهوريت اچي. جمهوريت جو مطلب قطعي طور تي عددي اڪثريت ناهي. جمهوريت جو مطلب ٽرانسپيرنسي به آهي. جمهوريت جو مطلب احتساب به آهي، جمهوريت جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي آمد، شهيد ٿيندڙن جي وارثن سان تعزيت جو اظهار

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نوابشاهه کان قافلي جي صورت ۾ پيپلز سيڪريٽريٽ مورو پهتو

شهيد ٿيندڙ خليفو شڪيل ميمڻ، نادر چانڊيو، ڳهٽو خان ٽگڙ، مظفر ڀٽو، جوجي سومرو سان تعزيت

بلاول جي دوري دوران سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، ضياءُ الحسن لنجار ۽ ٻيا اڳواڻ ساڻس گڏ هئا

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) بلاول ڀٽو زرداري جي آمد يوم تاسيس جي موقعي تي شهيد ٿيندڙن جي وارثن سان تعزيت جو اظهار پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نوابشاهه کان قافلي جي صورت ۾ پيپلز سيڪريٽريٽ مورو پهتو، جتي نوشهروفيروز جي مقامي قيادت سندس شاندار استقبال ڪيو ان موقعي تي شڪارپور روڊ حادثي ۾ شهيد ٿيندڙ خليفو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

انڊس يوٿ ويلفيئر آرگنائيزيشن
ٽنڊوڄام جي اڳواڻن پاران پنجاب
جي عملدارن سان ملاقات

ٽنڊوڄام (رپورٽر) انڊس يوٿ ويلفيئر آرگنائيزيشن ٽنڊوڄام جي اڳواڻن جي پنجاب جي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳواڻن سان ملاقات، هڪٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ، خبر موجب انڊس يوٿ ويلفيئر آرگنائيزيشن ٽنڊوڄام کي ترديپ روورل ڊولپمينٽ پروگرام پاران انٽرنيشنل اداري ڊبليو ايڇ ۽ يورپين يونين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: بلاول ڀٽو زرداري شهيدن جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

دادو ۾ ڪتاب جي مهورتي تقريب، 6 ڪتابن جي مهورت ڪرائي فخر ٿئي ٿو: گلزار ڪلهوڙو

لائبريري پاٽ شريف ۾ سنڌ جي نامور ليکڪن جي 6 ڪتابن جي مهورت تقريب منعقد ڪئي وئي

سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي سيڪريٽري حاڪم علي ٻنڙ ۽ ٻين کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا

پاٽ شريف علم ادب جو ڳڙهه رهيو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو علمي ۽ ادبي ڪم هن وقت تائين به جاري آهي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڪتاب جي مهورتي تقريب جي صدارت نالپواري ليکڪ سليم چنا ڪئي پاٽ شريف علم ۽ ادب جو ڳڙهه رهيو آهي ۽ اڄ 6 ڪتابن جي مهورت ڪرائي فخر ٿئي ٿو. گلزار ڪلهوڙو پاٽائي سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف پاران سڳا شاخ پاٽ شريف جي سهڪار سان سليم چنا لائبريري پاٽ شريف ۾ سنڌ جي نامور ليکڪن جي 6 ڪتابن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

قلڪاراڱ ڳوٺ حاجي خالق ڏنو سهتو ۾ عباس ڊولپمينٽ فائونڊيشن پاران ڪپڙا تقسيم

عباس ڊولپمينٽ فائونڊيشن غريب ۽ مسڪين خاندانن ۾ گرم ڪپڙا ۽ ڪمبل تقسيم ڪيا ويا

غريب ۽ مسڪين ماڻهن ۾ گرم ڪپڙا، ڪمبل ۽ سوئيٽرون وغيره تقسيم ڪيا ويا آهن: عبدالله شيخ

ماتلي (رپورٽر) قلڪاراڱ ڳوٺ حاجي خالق ڏنو سهتو ۾ عباس ڊولپمينٽ فائونڊيشن پاران غريب ۽ مسڪين خاندانن ۾ گرم ڪپڙا ۽ ڪمبل تقسيم ڪيا ويا ان موقعي تي چيئرمين عبدالله شيخ ڪوهستاني، اين بي ڪوسو، ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

تحريڪ انصاف جي ضلعي صدر سيد امجد جا نامزدگي ڪاغذ منظور ٿي ويا

پي ايس 75 تان نامزد اميدوار رياض شاهه شيرازي جا نامزدگي فارم پڻ منظور ٿي ويو

قومي اسيمبلي واري تڪ اين اي 225 تي بئريسٽر سرمد پليجو جا به ڪاغذ منظور ٿي ويا

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف پاران ايندڙ جنرل اليڪشن ۾ صوبائي تڪ پي ايس 75 ٺٽو تان بيٺل اميدوار پاڪستان تحريڪ انصاف جي ضلعي صدر سيد امجد جا نامزدگي ڪاغذ منظور جڏهن ته پيپلز پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺٽو: عام چونڊن ۾ اميدوار فارم جمع ڪرائڻ بعد آفيس مان ٻاهر اچي رهيا آهن

عمرڪوٽ ۾ قائداعظم محمد علي جناح جي 147هين سالگرهه منعقد، ساجاهه وند شريڪ

رحيمداڻي اڪيڊمي پاران ڪرشن سوئيٽس شاپ تي تقريب ڪرائي وئي ۽ وزني ڪيڪ ڪٽيو ويو

اسان کي هڪ قوم بڻجي نفرتون ختم ڪري محبت جو پيغام عام ڪرڻو پوندو: رسول بخش رحيمداڻي

عمرڪوٽ (رپورٽر) پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي 147هين سالگرهه جي موقعي تي رحيمداڻي اڪيڊمي پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

عطائي ڊاڪٽر اشرف قريشي ۽ ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي: غلام رسول

اشرف قريشي مزمل قريشي، حسنين خاصخيلي منهنجي پٽ کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

ٻاٿرن اسان جي 12 ورهين جي پٽ عرفان يوسفزئي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جاچ ڪرائي وڃي

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ پوليس اهلڪار عطائي ڊاڪٽر اشرف قريشي ۽ ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، اشرف قريشي مزمل قريشي، حسنين خاصخيلي منهنجي پٽ کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جهيڙو ڪري فائرنگ ڪري ڏني، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

جهڏو ۾ عورت جو مڙس ڏير ۽ پاڻن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

عورت مسمات جامان زال انور خاصخيلي ميڊيا سينٽر جهڏو تي احتجاج ڪيو

مڙس نشي جو عادي آهي آئون پورهيو ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليان ٿي: عورت

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ عورت جو مڙس ڏير ۽ پاڻن جي زيادتين خلاف احتجاج. تحفظ ۽ انصاف جو مطالبو. جهڏو لڳ ڳوٺ بخش علي گشڪوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

BBC
NEWS
SINDH
AWAZ
NEWS

جهڏو: متاثر عورت مڙس ۽ ڏيرن ۽ پاڻن خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

نوشهرو فيروز ۾ محمد نواز شريف جي 74 هين سالگرهه جو پروگرام منعقد ڪيو ويو

ميان محمد نواز شريف جي 74 هين سالگرهه جو پروگرام منعقد ڪري ڪيڪ ڪاٽيو ويو

نائب صوبائي صدر زاهد حسين رند، ايڊوڪيٽ عبدالجبار راجپوت، علي محمد چانڊيو ۽ ٻيا شريڪ

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پاڪستان مسلم ليگ (ن) هائوس نوشهرو فيروز ۾ اڳوڻي وزير اعظم ميان محمد نواز شريف جي 74 هين سالگرهه جو پروگرام منعقد ڪيو ويو ۽ ڪيڪ ڪاٽيو ويو ڪيڪ ڪٽڻ جي تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شڪارپور جي وارڊ 22 جي معززين جي امتياز شيخ سان ملاقات، ڀرپور حمايت جو اعلان

اڳواڻ ۽ پي ايس ست جي اميدوار امتياز احمد شيخ ۽ فراز امتياز شيخ سان ملاقات ڪئي

سياسي اڳواڻن ڀرپور حمايت ڪندي ڪيس پنهنجي پولنگ کي ڪامياب ڪرائڻ جو يقين ڏياريو

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) وارڊ 22 جي معززين جي امتياز شيخ سان ملاقات پي ايس ست تي ڀرپور حمايت جو اعلان. خبر موجب شڪارپور شهر جي وارڊ 22 جي معززين ڏوهير خان ڏريهو جي اڳواڻي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شڪارپور: وارڊ نمبر 22 جي معززين جي گڏجاڻي ۾ پ پ اڳواڻ ويٺل نظر اچي رهيا آهن

بدين سنڌ پبلڪ اسڪول پاران قائداعظم جي سالگرهه تقريب منعقد

محمد علي جناح جي سالگرهه جي سلسلي ۾ سنڌ پبلڪ اسڪول ۾ تقريب منعقد

قائد اعظم محمد علي جناح جي اڻٿڪ جدوجهد سبب اسان آزاد ملڪ ۾ رهون ٿا: اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين سنڌ پبلڪ اسڪول پاران قائداعظم جي سالگرهه تقريب منعقد ڪري ڪيڪ ڪاٽيو ويو خبر موجب بدين ۾ سنڌ پبلڪ اسڪول پاران باني پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح جي سالگرهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پ پ پ اڳواڻ اڳوڻو ايم پي اي دادو بئريسٽر پير مجيب الحق پاران جلسي ۾ شرڪت

سولنگي اتحاد دادو جي اڳواڻ وڏيرو محمد حسين سولنگي ۽ سولنگي برادري پاران جلسو منعقد

پير مجيب الحق کي بوسڪي جو پٽڪو ٻڌرايو ۽ ثقافت سنڌي ٽوپي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ اڳوڻو ايم پي اي دادو بئريسٽر پير مجيب الحق دادو سٽي ۾ سولنگي اتحاد ضلع دادو جي اڳواڻ وڏيرو محمد حسين سولنگي ۽ سولنگي برادري جي ڏنل ڀرين جلسي پروگرام جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ايس ايس پي ٺٽو پاران ڪرسمس جي موقعي تي گرجا گهرن جو دورو ڪري جائزو

دورو ڪري انتظاميا ۽ پادرين سان ملاقات ڪري سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو

ايس ايس پي ٺٽو گرجا گهرن جي سربراهن ۽ فادرز سان ملاقات ڪري خوشين ۾ شريڪ ٿيو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب احمد نظاماڻي ڪرسمس جي موقعي تي عيسائي برادري جي عبادتگاهن ۽ گرجا گهرن جو دورو ڪري انتظاميا ۽ پادرين سان ملاقات ڪري سيڪيورٽي انتظامن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺٽو: ايس ايس پي گرجا گهر جو دورو ڪري رهيو آهي

دڙو جي نجي اسڪول ۾ ثقافتي رنگ نروار، سوين ٻارن سميت والدين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

سر ڊاڪٽر ابراهيم ميمڻ ۽ سر وقار عباسي جي سرپرستي هيٺ منعقد ڪيل ثقافتي پروگرام ڪيو

قومي گيتن تي رقص، اسڪول انتظاميا طرفان بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ٻارن ۾ انعام پڻ ورهايا ويا

اسڪول جي شاگردن مختلف پروگرام ڪري پنهنجي بهترين ڪارڪردگي پيش ڪري پاڻ ملهايو آهي: اڳواڻ

دڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) دڙو جي نجي اسڪول ۾ ثقافتي رنگ نروار، سوين ٻارن سميت والدين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، دڙو جي ناليج سيڪريس اسڪول سسٽم طرفان سر ڊاڪٽر ابراهيم ميمڻ ۽ سر وقار عباسي جي سرپرستي هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دڙو: ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪونائل تقريب کي مقرر خطاب ڪري رهيو آهي

مٽياري جي صوبائي تڪ پي
ايس 57 تي اميدوار مخدوم
فخرالزمان جو فارم بحال

مٽياري (رپورٽر) مٽياري جي صوبائي تڪ پي ايس 57 تي اميدوار مخدوم فخرالزمان جو فارم اسڪروٽني بعد بحال اسڪروٽني بعد مخدوم فخرالزمان پي ايس 57 آفيس پهچي باني پاڪستان پاڪستان قايد اعظم محمد علي جناح جي سالگراهه جو ڪيڪ ڪٽي ميڊيا سان گفتگو ڪندي چيو ته اڄ پاڪستان جي باني محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سنڌ جي ورڪس ۽ سروس کاتي قانون جي لتاڙ ۽ ڪرپشن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

انجنيئر عبدالسلام ميمڻ ترقي ماڻي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر ٿيڻ باوجود ساڳي پوسٽ تي برقرار

انجنيئر پرويز خواجو گذريل هڪ سال پهرين بدين کان پنهنجي بدلي ڄامشورو ڪرائي ويو آهي: ذريعا

بدين (رپورٽر مرتضي ميمڻ) سنڌ جي ورڪس ۽ سروس کاتي قانونجي لتاڙ ۽ ڪرپشن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا خبر موجب ورڪس ۽ سروس کاتي بدين جي ذريعي ٻڌايو آهي ته هائي ويز کاتي بدين جي انجنيئر عبدالسلام ميمڻ ترقي ماڻي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر ٿيڻ جي باوجود ورڪس ۽ سروس کاتي هن کان ڳري رشوت وٺي هن کي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر جي پوسٽنگ ڏيڻ بجاءِ هن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

پاڪستان تحريڪ انصاف پاران ضلع ٺٽي جي قومي سيٽ تي سيد جميل شاهه بخاري فارم فارم

اڳوڻي اسسٽنٽ اٽارني جنرل ۽ سپريم ڪورٽ جي وڪيل سيد جميل شاهه بخاري فارم ڀرائي ڇڏيو

پي ايس 75 تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي ضلعي صدر امجد شاهه. ارسلان خان بروهي فارم ڀرايو

تحريڪ انصاف سموري ملڪ سميت ٺٽي ۽ سنڌ مان انشاالله ڀرپور ڪاميابي حاصل ڪندي: ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف پاران ضلع ٺٽي جي قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 225 تي انصاف لائرز فورم سنڌ جي نائب ۽ سپريم ڪورٽ ۾ اڳوڻي اسسٽنٽ اٽارني جنرل ۽ سپريم ڪورٽ جي وڪيل سيد جميل شاهه بخاري، پاڪستان تحريڪ انصاف حيدرآباد ڊويزن جي سينيئر نائب صدر رئيس ارسلان خان بروهي ۽ عرس ڀالاري پاران فارم جمع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو: پي ٽي آءِ اڳواڻ نامزدگي فارم جمع ڪرائي رهيا آهن

عمرڪوٽ ۾ پ پ نواب شاهه جو
اڳواڻ ۽ ٻيا رحيمداڻي هائوس
عمرڪوٽ پهچي ويا

عمرڪوٽ (رپورٽر) عمرڪوٽ ۾ پيپلزپارٽي نواب شاهه جو اڳواڻ سردار محمد نعيم پلڪيو، آفاق پلڪيو، شاهزيب، پيپلزپارٽي عمرڪوٽ جو اڳواڻ ۽ ميونسپل ڪميٽي عمرڪوٽ جو وائيس چيئرمن ڪمار تلواڻي، ڊاڪٽر محمد يعقوب بجير ۽ ٻيا رحيمداڻي هائوس عمرڪوٽ پهچي ويا عمرڪوٽ جي نامور سماجي شخصيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

پنوعاقل جي يوسين ۾ ڪانٽريڪٽر پاران روڊن جا ڪنيل ڪروڙين روپين جا ٺيڪا رولڙي جو شڪار

نسيم شاهه پاران روڊن جا ڪنيل ڪروڙين روپين جا مرمتي ٺيڪا اختيارين جي ٻي ڌياني سبب رولڙي جو شڪار

هنڌن تي ڪاغذي ڪارروائي ۾ روڊ ۾ تيار پر رستن جي حالتن جهڙي سو ٿهڙي، نوٽيس وٺي ڪارروائي ڪرڻ جي گهر

جلال انڊڙ کان وزير ملاڻو، وزير ملاڻو کان مصري انڊڙ، پانڌي مهر، ولي محمد آرائين، روجهو مهيسر کان جلال انڊڙ روڊ متاثر

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور: پنوعاقل جي مختلف يوسين ۾ سکر جي مشهور ڪانٽريڪٽر نسيم شاهه پاران روڊن جا ڪنيل ڪروڙين روپين جا مرمتي ٺيڪا اختيارين جي ٻي ڌياني سبب رولڙي جو شڪار، ننڍن ڪانٽريڪٽرن صرف مٽي ۽ ڪجهه روڊن تي پٿر اڇلائي غائب. علائقي واسي سخت پريشان، روڊن جي مد ۾ آيل ڪروڙين روپيا حصو پتي ٿي ويا، اختيارين اک نه پٽي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

پاڪ فوج اليڪشن ۾ موجود رهي ته ڌانڌلي ۽ امن امان جا مسئلا پيدا نه ٿيندا: خورشيد شاهه

ملڪ ۾ جيڪو ماحول آهي اهو سڀ ڪجهه ٺيڪ ناهي، جماعت اسلامي اليڪشن ۾ ووٽ آڻيندي

ڪنهن به پارٽي کي سادي اڪثريت حاصل نه ٿيندي ۽ اتحادين مان حڪومت ناهي ويندي: اڳوڻو وفاقي وزير

انشاءَ الله چونڊن ۾ عوام کي سرپرائز ڏيندو، پ پ قيادت پاڪستان ۽ نظام کي بچائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه چونڊن ۾ پاڪ فوج جي موجودگي کي ضروري قرار ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن پاڪ فوج اليڪشن ۾ موجود رهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر: اڳوڻو وفاقي وزير خورشيد احمد شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

تعليم ڪانسواءِ ڪابه قوم ترقي
نٿي ڪري سگهي، تعليم ئي
واحد هٿيار آهي: سمبوا اڳواڻ

سيلارجا (رپورٽر) سيلارجا تعليم ڪانسواءِ ڪابه قوم ترقي نٿي ڪري سگهي تعليم ئي واحد هٿيار آهي جنهن سان جهالت کي ختم ڪري سگهجي ٿو، سمبوا اڳواڻ تفصيل موجب # سهتا مگنيجا برادري ويلفيئر ايسوسيئيشن (سمبوا) سنڌ جي ضلعي خيرپورميرس جي گڏجاڻي تعلقا صوپوديرو جي ڳوٺ غلام حسين مگنيجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو ۾ آپڪا پاران محمد علي جناح جي سالگرهه ملهائي وئي، ساجاهه وندن پاران شرڪت

پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح جي جنم ڏينهن جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو

تقريب ۾ سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو، حيدر پنهور، عابد چارڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ڏهاڙن جي اهميت ٻڌائين ته جيئن اهڙن ڏهاڙن جي اهميت کان باخبر ڪرڻ انتهائي ضروري آهي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) زنده قومون پنهنجي ملڪ جي هيروز جي ڏهاڙن کي شان ۽ شوڪت سان ملهائينديون آهن آپڪا ضلع دادو جي چيئرمين آپڪا آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن ضلع دادو ۽ يوٿ ويلفيئر سوسائٽي ضلع دادو جي اڳواڻن پاران باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جي جنم ڏينهن جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو آپڪا چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪاروبار کي هٿي ڏيڻ ۾ ننڍن واپارين جي خدمتن کي فراموش نٿو ڪري سگهجي: ناصر حيات مگو

وٽ بدقسمتي سان سيئي شيون وڏن جي هٿن ۾ آهن، 70 سيڪڙو کان وڌيڪ ننڍن واپارين جو ڪردار آهي

عبدالستار راجپوت، عبدالقادر شيواڻي، حافظ محمد شريف ڏاڏا، بابو فاروقي ۽ ٻين پاران تقريب ۾ شرڪت

بي ايم پي گروپ جي ڪاميابي جي نويد وٺي اپروندو، واپارين پيار ۽ محبت ڏيئي ڪري مقروض بڻائي ڇڏيو

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) فيڊريشن پاڪستان چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز سنڌ جي گروپ ليڊر ناصر حيات مگو، هاڻوڪي چونڊن ۾ صدارتي اميدوار محمد علي شيخ چيو آهي ته ملڪي صنعت ۽ تجارت ۽ ڪاروبار کي هٿي ڏيڻ ۾ ننڍن واپارين جي خدمتن کي فراموش نٿو ڪري سگهجي، اسان وٽ بدقسمتي سان سيئي شيون وڏن جي هٿن ۾ آهن جڏهن ته ملڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

il:sukkur
raders@gmail.com
ww.face
/sukkursmalltraders

سکر: ناصر حيات مگو ۽ ٻيا اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

رتوديرو ۾ شهري جو سينٽر
وڪرو ڪرڻ بعد قبضو نه ڏيڻ
واري فراڊ خلاف احتجاج

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو ۾ شهري جو سينٽر وڪرو ڪرڻ بعد قبضو نه ڏيڻ واري فراڊ خلاف احتجاج، سينٽر جي سودي بعد پئسا وٺي قبضو نه ڏيڻ تي ڪامريڊ محمد صديق سناٽي پڌل رند خلاف ڌاڻهيو، سينٽر جي سودي بعد ڳاڌيون زمين ڪپائي هڪ ڪروڙ رپيا ڏنا ۽ ٻيا پئسا موجود آهن پڌل رند ته بقايا پئسا ٿو ڪٽي نه قبضو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سول اسپتال ۾ 5 سالن کان بند پيل سرجيڪل وارڊ ۽ ڊائلاسز وارڊ جو افتتاح

پروفيسر اڪرام الدين اڄڻ، ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر امجد مستوئي ۽ ٻيا شريڪ

اسپتال ۾ مريضن ۽ هتان جي عوام کي سهولتون ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون: عملدار

نئين تعمير ٿيندڙ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جا 2 بلاڪ مليا آهن ايا 5 بلاڪ اسان کي هينڊ اوور ناهن ٿيا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو سول اسپتال ۾ گذريل 5 سالن کان بند پيل سرجيڪل وارڊ ۽ ڊائلاسز وارڊ جو افتتاح ڪيو ويو، لمس يونيورسٽي آف ميڊيڪل سائنسز جي وائيس چانسلر پروفيسر اڪرام الدين اڄڻ، ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر امجد مستوئي سان گڏ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جو دورو ڪيو ان موقعي تي سول اسپتال دادو ۾ گذريل 5 سالن کان بند پيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر:
اعجاز مهر

اڱارو 26 ڊسمبر 2023ع

چا حڪمراني دلپشوريءَ جو نالو آهي؟

حڪمراني دلپشوريءَ جو نالو نه آهي. پر اسان جي حڪمرانن ان کي دلپشوري کان وڌيڪ ڪجهه به نه سمجهيو آهي. انهن جو ملڪ جي مسئلن ۽ عوام جي اهنجن سان ڪريءَ تعلق نه آهي. اهوئي سبب آهي، جو هيٺي ۽ جهيڻي لهر جڏهن مسئلن جو سونامي بڻجي سامهون اچي ٿي ته پوءِ مس مس انهن کي سجاڳي ٿئي ٿي ۽ وري به مسئلن جو حقيقي ادراڪ نه هجڻ ۽ تدبر سان مسئلن کي حل ڪرڻ واري اهليت نه هجڻ ڪري انهن کان مسئلن جو مُنجهيل سُٽ سلجهي نه سگهندو آهي ۽ نتيجي ۾ انهن جي ڪوتاهين جو ملڪ ۽ ان جو عوام ڀوڳيندو آهي. هن ڀيري به لاتعداد مسئلن مان اڀري آيل مسئلو يوريا ڀاڻ جي کوٽ جو آهي. جيڪو رات وچ ۾ نه اڀريو آهي. ڪيترن ئي مهينن کان وڌي ويجهي ان سطح تي پهتو آهي جو هڪ وڏي بحران جي صورت اختيار ڪري ويو آهي ۽ هن وقت جڏهن فصلن کي ڀاڻ جي سخت ضرورت آهي. ان وقت يوريا ڀاڻ جو بحران زراعت تي شديد خراب اثر ڇڏيندو. هونئن ته سڄي ملڪ ۾ يوريا ڀاڻ جي کوٽ آهي. پر سنڌ ۾ اهو بحران سنگين صورت اختيار ڪري ويو آهي. يوريا ڀاڻ جي 50 ڪلوگرام ٻوريءَ جي قيمتن ۾ 349 رپين جي اضافي سان قيمت 5899 رپيا ٿي وئي آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ اگهه ۾ واڌ حيدرآباد ۾ نوٽ ڪئي وئي آهي.

هونئن ته هي زرعي ملڪ آهي پر اهو زرعي ملڪ غذائي ضرورتن لاءِ ڪڻڪ صنعتي ملڪ روس کان خريد ڪندو آهي. ان جو سبب اهو آهي ته اسان جا حڪمران زرعي شعبي جي بحرانن کي حل ڪرڻ لاءِ سنجيده نه آهن ۽ ٻيو اهو ته هتي ڪيترين ئي مافيائون منظم نموني سان ڪم ڪري رهيون آهن. جن جي اڳيان پڻ حڪمرانن جي بيوسي معاملن کي گنڀير بڻائي رهي آهي. هونئن ته يوريا ڀاڻ جي کوٽ هر سال سامهون ايندي رهي آهي پر هن ڀيري ان جي سنگين صورتحال ڪجهه وڌيڪ ئي مسئلا پيدا ڪيا آهن. سنڌ ۾ آبادگارن جا احتجاج جاري آهن پر سماعت ۽ بصارت کان محروم منتظمين ان اهم مسئلي جي حل ڏانهن وک وڌائڻ لاءِ تيار نه آهن. حقيقت اها آهي ته اسان وٽ يوريا ڀاڻ جي ڪا به کوٽ نه آهي پر اها کوٽ هٿراڌو پيدا ڪئي وئي آهي. ان کوٽ جا ٻه اهم سبب ذخيرا اندوزي ۽ اسمگلنگ آهن. هتي ناجائز نفعي خور يوريا ڀاڻ جي ذخيرا اندوزي ڪري هٿراڌو کوٽ پيدا ڪن ٿا ۽ طلب ۽ رسد کي غير متوازن ڪري قيمتون وڌائي ٿا ڇڏين. ٻيو اهم سبب اسمگلنگ آهي. خطي ۾ ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ اسان جي ملڪ ۾ يوريا ڀاڻ جون قيمتون نسبتن گهٽ آهن. جنهنڪري هتان ڀاڻ ٻين ملڪن ڏانهن اسمگل ٿئي ٿو. گهڻو ڀاڻ هڪ پاڙيسري ملڪ ڏانهن اسمگل ٿئي ٿو. "ٽرانزٽ ٽريڊ" جي ذريعي به جيڪو ڀاڻ ان پاڙيسري ملڪ ڏانهن ويندو هو. اهو ان جي زرعي ضرورتن کان به وڌيڪ هوندو هو. جنهن جي پوءِ اتان ٻين ملڪن ڏانهن ايڪسپورٽ ٿيڻ جون به خبرون رپورٽ ٿي چڪيون آهن. ڀاڻ جي بحران ۾ شدت کانپوءِ حڪومت مس سجاڳ ٿي آهي ۽ ان ٻه لک ميٽرڪ ٽن يوريا ڀاڻ امپورٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ظاهر آهي ته اهو ڀاڻ اسان جي ملڪ جي ڀيٽ ۾ مهانگو هوندو، جنهن سان هڪ ته زرعي پيداوار جي لاڳت وڌندي ۽ ملڪ جي مٽا سٽا جو ناڻو به خرچ ٿيندو. امپورٽ به وڌندو. اهو ڪهڙو انتظامي تدبر آهي، جو يوريا جي ملڪي پيداوار جي اسمگلنگ نه روڪجي ۽ پوءِ کوٽ پيدا ٿئي ته ڀاڻ مهانگي اگهه تي امپورٽ ڪجي؟

زرعي شعبي جي مسئلن کان انتظامي لاتعلقي انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي. زرعي پيداوار جيئن ته ٻين معاملن سان گڏ يوريا ڀاڻ جي مناسب فراهميءَ تي انحصار ڪري ٿي ۽ اهو معاملو فوڊ سيڪيورٽي جو پڻ آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پاڙيسري ملڪن ڏانهن يوريا ڀاڻ جي اسمگلنگ روڪرائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. سرحدن تي چوڪسي وڌائي وڃي ۽ گڏوگڏ ذخيرو ڪيل ڀاڻ جي گودامن تي ڇاپا هڻي اهو ڀاڻ مارڪيٽ ۾ آندو وڃي ته جيئن طلب ۽ رسد ۾ توازن پيدا ٿي سگهي.

قومي، عوامي ۽ رياستي سرچاءُ

اعجاز منگي

جهڙي طرح لطيف جي سسئيءَ سور سهڻ لاءِ جنم ورتو هو تهڙي طرح پاڪستان جڻ پيدا ئي ان لاءِ ٿيو آهي ته اهو هميشه پريشر هيٺ رهي. اسان جي ملڪ جي جمار مُني صديءَ جي لڳ ڀڳ آهي. گذريل 75 ۽ هلندڙ 76 سالن ۾ اهڙو ڪو وقفو مشڪل آيو هجي، جڏهن هن ديس مٿان دٻاءُ نه رهيو هجي. پاڪستان مٿان گهڻا پريشر خارجي رهيا آهن. ڀارت ته پاڪستان جو ازلي دشمن ملڪ رهيو آهي پر هن دنيا ۾ هن ملڪ جو جيڪو ستمگر سڄڻ رهيو آهي، ان به هن سان گهٽ نه ڪئي آهي. پاڪستان جي پهرئين وزير اعظم لياقت علي خان سوچيو هو ته هي ملڪ عالمي سياسي تناظر اندر آمريڪي آغوش ۾ محفوظ رهندو پر ڇا محفوظ ملڪ جا به ٽڪر ٿيندا آهن؟ آمريڪا پاڪستان جي اهڙي نقصان تي هن مهل تائين افسوس جو اظهار به نه ڪيو آهي. جڏهن ته پنهنجن مفادن سبب هن ملڪ کي امدادن تي هيرائي ۽ سندس اقتصاديات جا سرچشما سڪائي، آمريڪا پاڪستان سان جيڪا دوستي نڀائي آهي، اهڙي دوستيءَ لاءِ ئي ته مرزا غالب لکيو هو:

هوئي تم دوست جس ڪي،
اس ڪا دشمن آسمان ڪيون هو؟

آمريڪا پاڪستان جو دوست آهي يا دشمن؟ ان سوال جو جواب ته ان جنرل وٽ به نه هو جنهن پنهنجو پاڻ کي ملڪ جو پهريون ورديءَ وارو صدر بڻايو هو. سابق صدر ايوب خان پنهنجي لکيل يا لکرايل ڪتاب جو نالو ئي لکيو هو: "Friends, Not Masters" يعني "آقا نه پر دوست" پر ڇا امداد ڏيڻ واري ۽ امداد وٺڻ واري جي ڪڏهن به برابريءَ جي بنياد تي دوستي ٿي سگهي ٿي؟ آمريڪا پاڪستان مٿان سڀ کان وڌيڪ دٻاءُ وجهڻ وارو ملڪ رهيو آهي. چون ٿا ته جيڪڏهن هن وقت پاڪستان ۾ چونڊون ٿي رهيون آهن ته ان پويان به آمريڪا جو پريشر آهي. چيو پيو وڃي ته جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته پاڪستان ۾ اليڪشن ڪميشن 8 فيبروريءَ تي عام چونڊن جو آفيشل اعلان ان وقت ڇو ڪري ها؟ جنهن وقت ملڪ جو آرمي چيف پنهنجي پهرين آمريڪي دوري تي هو!

پاڪستان مٿان پريشر پوڻ جي تاريخ ملڪ جي جمار جيتري پراڻي آهي. ايٽمي پروگرام شروع ڪرڻ ۽ ڪامياب ايٽمي ڌماڪو ڪرڻ کان پوءِ ته هن ملڪ مٿان دنيا جي لٺ سردار جو دٻاءُ تمام گهڻو وڌي ويو پر اهو دٻاءُ ان مهل به هو جڏهن هي ملڪ پنهنجي ٽٽل وجود جي بچيل سگهه ميڙي سهيڙي اڳتي جو سفر ڪرڻ جا سعيا ڪري رهيو هو جنهن وقت سوويت فوجون انقلاب افغانستان ۾ انقلاب امپورٽ ڪرڻ آيون. تڏهن ته آمريڪا پنهنجن سمورن اتحادين سميت هتي لڏو لاهي ويٺو هو ڇا اها حقيقت ناهي ته آمريڪا کي اهو به معلوم هو ته زيڊ اي ڀٽو هن جو غلط پريشر ڪنهن صورت ۾ قبول نه ڪندو جيڪڏهن آمريڪا کي اهو خدشو نه هجي ها ته هو جنرل ضياءَ کي نه صرف "آپريشن بليو فاڪس" جي اجازت نه ڏئي ها پر هن کي پوري ڏهاڪي تائين ائين نه سنڀالي هلي ها. جيئن ڪينگرو پنهنجي ٻچي کي سنڀاليندي آهي.

پاڪستان مٿان ڀارت جيڪڏهن سڌو دٻاءُ وجهڻ ۾ سوڀارو نه ٿيو آهي ته هُن الزام هڻي هِن ملڪ مٿان آمريڪي پريشر جو واليوم وڌايو آهي. اهوئي سبب آهي ته جنهن وقت ميان نواز شريف ملڪ جو ٽيون ڀيرو وزير اعظم بڻيو هو تڏهن آن دي رڪارڊ اهي لفظ چيا هئا ته ڀارت جي وزير اعظم هن خلاف چغليون هڻي آمريڪي صدر کي ڇوريو آهي. پاڪستان مٿان سي ٽي بي ٽي کان سواءِ به سوين قسمن جا پريشر رهندا آيا آهن. اها ڳالهه آهي ته انهن دٻائن جو گهڻو طرف خارجي رهيو آهي. هي تاريخ ۾ ٻيون ڀيرو آهي ته پاڪستان مٿان هڪ طرفو نه پر ٻه طرفو پريشر پئجي رهيو آهي. هڪ خارجي ۽ ٻيون داخلي. جيتوڻيڪ ملڪ ۾ آفيشل آمريت ناهي. جيتوڻيڪ آئين معطل ٿيڻ جو اهڙو اعلان نه ٿيو آهي. جيتوڻيڪ ملڪ نگران حڪمرانن جي سول هٿن ۾ آهي. پر ان جي باوجود به ملڪ پٺتي دٻاءُ ۾ آهي. جڏهن ته پاڪستان ۾ داخلي دٻاءُ ان وقت به نه پيدا ٿيو هو جڏهن قائد اعظم جي سگهي ڀيڻ ۽ قومي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ هن جي سڀ کان عزيز ساٿي فاطمه جناح سان تعديون ڪري اڳوڻو صدر ايوب خان ملڪ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻجي ويٺو هو جيڪڏهن هن خلاف سياسي طوفان تيار ڪري کيس گهر پيڙو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ذوالفقار علي ڀٽو جو هو پر اهو واقعو هن جي اقتداري پڇاڙيءَ ۾ پيدا ٿيو هو جو باقي عرصو بي فڪريءَ واري حڪمرانيءَ ۾ گذريو هو اهو سچ آهي ته جيترو داخلي دٻاءُ جنرل ضياءَ جي مٿان هو ايترو هن مهل تائين ڪنهن به حڪمران جي حصي ۾ مشڪل آيو هجي. جنرل ضياءَ ته داخلي دٻاءُ سبب سک سان سمهي به نه سگهندو هو هن کي جيڪڏهن آمريڪا جو سهارو حاصل نه هجي ها ته هوند هو ايترا سال سرڪار ۾ رهي به سگهي ها. چونڪ هن خلاف ملڪ ۾ عوامي مزاحمت جي باهه ٻرندي رهي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ان باهه جو سيڪ وڌيڪ هو پر هن لاءِ پوري ملڪ ۾ اقتدار تان هٽڻ جو پريشر ته هر وقت هو. هن پريشر کي گهٽائڻ جي لاءِ هن ماڻهن کي سرعام ڦٽڪا هنيا ۽ سخت سزائون ڏنيون پر ماڻهن جنرل ضياءَ جي آمريت کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو. هن مهل جڏهن ملڪ ۾ فوجي حڪومت ناهي، ملڪ نگران سيٽ اپ سهاري عام چونڊن طرف وڌي رهيو آهي ۽ اهڙي پراسيس تي عالمي برادري کي به ڪو اعتراض ناهي پر پوءِ به ملڪ اندر جيڪو عوامي دٻاءُ جو لاوا اٻاڙا کائي رهيو آهي. ان کي نه ته لڪائي ٿو سگهجي ۽ نه دٻائي ٿو سگهجي.

پاڪستان پنهنجي سياسي گرمائش سبب هڪ اهڙو پريشر ڪڪر بڻجي ويو آهي، جنهن ۾ سوشل ميڊيا هوا جي هلڪو ڪرڻ ۽ سيٽيون وڄائڻ تائين محدود آهي پر سوال اهو آهي ته ملڪ ۾ پيدا ٿيل اهو پريشر، اهو داخلي دٻاءُ ڪهڙي ريت ختم ٿيندو؟ ڇا 8 فيبروريءَ تي ٿيندڙ چونڊن جي نتيجي ۾ ميان نواز شريف ۽ سندس اتحادين جي امڪاني حڪومت ان پريشر کي رليز ڪري پاڪستان کي سياسي حوالي سان هڪ هلڪوڦلڪو بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿيندي؟ ڇا اها ايندڙ امڪاني حڪومت پي ڊي ايم جي اڳوڻي حڪومت جو تسلسل نه هوندي؟ جيڪڏهن ميان شهباز شريف پهريون ڀيرو وزير اعظم ٿيڻ جي صورت ۾ ڪو خاص ٻوٽو ٻاري سگهيو ته پوءِ ميان نواز شريف ڀلي چوٿون ڀيرو پنهنجي مٿي تي تاج سجائڻ جو شوق به پورو ڪري وٺي پر ان سان ڇا ٿيندو؟

اسان جو ملڪ ان مشڪلاتن جو شدت سان شڪار ٿيل آهي. هڪ ته ملڪ ۾ معاشي صورتحال تمام گهڻي بگڙيل آهي ۽ مهانگائيءَ جو بار کڻڻ ماڻهن جي لاءِ ناممڪن حد تائين مشڪل بڻجي ويو آهي ۽ ان اقتصادي بحران جي باهه مٿان جو سياسي بحران پيٽرول جو ڪم نه ته گهٽ ۾ گهٽ گاسليٽ جو ڪردار ضرور ادا ڪري رهيو آهي. تحريڪ انصاف جو منڍ کان وٺي اهو موقف رهندو آيو آهي ته جيستائين ملڪ ۾ سياسي استحڪام نه ايندو، تيستائين اقتصادي استحڪام جو اچڻ ممڪن ناهي.

جڏهن ته ملڪ کي معاشي طور سنڀالي سياسي طور ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش اسٽيبلشمينٽ به ڪئي ۽ ان ۾ کيس ننڍڙي ڪاميابي به مِلي پر هن ملڪ جي معاشي مرض جو علاج پيناڊول جهڙي انتظامي پڪو ڏکڙ سان نه ٿيندو. پاڪستان کي هن ڳڻن مان صرف اها گورنمينٽ ڪڍي سگهي ٿي، جيڪا سياسي به هجي، سلجهي ۽ سگهاري به هجي. هاڻي ايتريون سارين خوبين ته پاڪستان جهڙي سياسي طور تي پٺتي پيل ملڪ اندر هڪ حڪومت ۾ تلاش ڪرڻ ڪيترو ڪٺن آهي؟ ان جو اندازو ملڪ جو هر باشعور شهري آسانيءَ سان لڳائي سگهي ٿو.

تحريڪ انصاف جو اسير اڳواڻ ساڍن ٽن سالن تائين حڪومت هلائڻ جي باوجود به اهو هدف حاصل نه ڪري سگهيو جيڪو هن جي ابتدائي دعويٰ مطابق ٽن مهينن جو معاملو هو ڇا ان جو سبب صرف اهو هو ته هن کي هڪ مڪمل آزاد حڪومت نه ملي؟ ڇا هن جي حڪومت مڪمل طور تي صاف ۽ شفاف هئي؟ ممڪن آهي ته هو صرف توشا خانا جي هڪ گهڙيءَ تائين محدود هجي پر ڇا هن جي ٽيم ۾ اهڙا منسٽر نه هئا، جن جا خاندان سوئيپيل ادارن جي خرچ تي خريداري ڪندا هئا! ڪرپشن جو گراف گهٽ ٿي سهي پر اقرباپروري، ڪان وٺي ڪميشن خوريءَ تائين تحريڪ انصاف جي حڪومت به ملڪ جي روايتي مرض جي مريض هئي. جڏهن ته هن ملڪ کي هڪ گهڻ پاسائين پرهيز ۽ انتهائي بهتر علاج جي ضرورت آهي. پاڪستان هن وقت جنهن سياسي ٻه واٽي تي بيٺل آهي يا بيهاريو ويو آهي، ان ۾ ٻن قسمن جون راهون نظر اچن ٿيون. هڪ راهه آهي ناڪام بغاوت جي ۽ ٻي راهه آهي ڪامياب غلاميءَ جي! تحريڪ انصاف ناڪام بغاوت جي علامت بڻجي چڪي آهي ۽ نواز شريف ڪامياب غلاميءَ جو پرچم کڻي اقتدار طرف وڌي رهيو آهي.

اها حقيقت آهي ته ڪاميابيءَ جا وارث گهڻا هوندا آهن پوءِ ڀلي اها غلاميءَ جي ئي ڪاميابي ڇو نه هجي ۽ ناڪاميءَ جي مالڪي ڪرڻ لاءِ ڪو به تيار نه هوندو آهي. پوءِ ڀلي اها هڪ بهترين تصور واري بغاوت جي ناڪامي ئي ڇو نه هجي. ملڪي سياست ۾ انهن ٻنهي معاملن جا روپ سروپ ڏسي پسي سگهجن ٿا. پر اصل سوال اهو ناهي ته ڪير ڪامياب غلاميءَ سبب اقتداري ڪرسيءَ طرف وڌي رهيو آهي ۽ ڪنهن جي مٿان ناڪام بغاوت ڪري ڪيس هلي رهيا آهن. اصل سوال اهو آهي ته ڇا هن ملڪ جا مسئلا اهڙي معاملا حل ڪري سگهن ٿا؟ ناڪام بغاوت ته ان ٽٽل ڪانچ جهڙي هوندي آهي. جنهن کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪندڙ هٿ زخمي ٿيڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪري نٿا سگهن جڏهن ته ڪامياب غلاميءَ وارو عمل به معاشي ۽ سياسي طور تي بحرانن ۾ ورتل ملڪن جي لاءِ دوا دارون ثابت ٿيو آهي ۽ نه ٿي سگهندو. ڇو ته جيڪڏهن انهن ترن مان تيل نڪري سگهي ها ته 35 سالن جي سرڪاري تاريخ واري ملڪي سينڊ ايتري اٿڻي نه هجي ها. هن ملڪ ۾ ڪامياب غلامي ڪندڙ حڪمران به مسئلا حل ڪرڻ جي حوالي سان ناڪام ٿيا آهن جڏهن اهي بيٺي ڪارون دارون جو ڪردار ادا ڪري نٿيون سگهن ته پوءِ اهو ئي آپشن استعمال ڇو نه ٿو ڪيو وڃي، جنهن کي "عوامي قومي ۽ رياستي سرچاءُ" به سڏي سگهجي ٿو.

هي آرٽيڪل پنهنجي اخبار جي ٿورن سان پڙهندڙن جي لاءِ پيش ڪجي ٿو

هن لکڻي جي مواد سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

پاپوهي هيڪار، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
اَلَسْتُ بِرَبِّڪُمْ، چَيائون جنهن وارَ:
سَنڌي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نه لهي.

سياست ۾ انتها پسندي روبا

سراج ڪلهوڙو

اهو اجايو الزام نه آهي پر اها حقيقت آهي ته بلوچ قومي تحريڪ جا داعي ڪردار اڪثر ڪري نسل پرستيءَ کي هوا ڏيندا رهيا آهن. پر سنڌ جي قومي تحريڪ اهڙي علت کان هميشه محفوظ رهي آهي. باوجود ان جي ته نه رڳو موجوده بلوچستان پر سمورو پاڪستان ۽ ايران افغانستان ۽ هندستان جا ڪجھ حصا ويجهي ماضيءَ تائين سنڌ جا حصا رهيا آهن پر سنڌ جي قومي تحريڪ موجوده سنڌ تائين ئي پنهنجي دعويداري ڪندي رهي آهي. ستر اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ سبي، لسٻيلي سميت ٻين علائقن جي ماڻهن سائين جي ايم سيد سان رابطو ڪري اتي سنڌ جي قومي تحريڪ کي منظم ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي ته سائين جي ايم سيد کين منع ڪندي چيو هيو ته هن وقت توهان بلوچستان جو حصو آهيو تنهن ڪري بلوچ قومي تحريڪ ۾ پنهنجون خدمتون وقف ڪريو.

ڪجهه وقت اڳ مون کي جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چيئرمين اختر ڪاڪيپوٽو ٻڌايو ته سندس نوڪريءَ جو سمورو عرصو بلوچستان ۾ گذريو آهي، جتان جا ماڻهو اسان کي ڏاڍو چوندا هئا ته اسان کي پنهنجي تنظيم ۾ شامل ڪريو. پر سائين جي ايم سيد جي اسان کي منع ٿيل هئي ته اهو عمل درست نه آهي. تنهنڪري اسان موجوده بلوچستان جي خالص سنڌي آباديءَ ۾ به جيئي سنڌ محاذ يا سنڌي پورهيت سنگت توڙي جساف وغيره جي تنظيم نه جوڙي سين. اسان جي انڪار جي نتيجي ۾ اتان جي سنڌي ماڻهن پاڻ هرتوڙي جاموٽ قومي موومينٽ جوڙي ورتي. پر اها سنڌ جي قومي تحريڪ سان لاڳاپيل نه آهي. اها بلوچستان جي اهڙي تنظيم آهي جهڙي بروهين جي تنظيم وغيره.

نه رڳو سائين جي ايم سيد پر اڄ تائين ٻين سنڌيت جي پرچار ڪندڙ ڌرين پڻ نسل پرستيءَ واري سياست کان هميشه پرهيز ڪئي آهي جڏهن ته ان جي ڀيٽ ۾ بلوچ قومي تحريڪ سڄي سنڌ ۾ ڊگهي عرصي کان نسل پرستيءَ جي مرتڪب ٿيندي رهي آهي. جاچ ڪري ڏسبي ته وڏا وڏا بلوچ قومي تحريڪ جا نالا اهڙين ڪوششن ڪندي نظر اچن ٿا. مختلف قسم جون بلوچ تنظيمون ۽ تعليمي ادارن ۾ بي ايس او وغيره جوڙي ٺيٺ سنڌي شاگردن کي اڻ ڄاڻائپ ۽ سادگيءَ جي ڪري بي ايس او جو ميمبر به ڪري نه رڳو بي ايس او جا يونٽ کوليا ويا پر ٽڪراءَ واري صورتحال پڻ پيدا ڪرائي وئي.

سنڌ جي قومي تحريڪ توڙي بلوچ قومي تحريڪ ۾ ويڇا ڪنهن به طرح مظلومن جي فائدي ۾ نه ٿا ٿي سگهن. تنهن ڪري ان ساڳئي سوچ جي توقع بلوچ قومي تحريڪ کان به سنڌ جو شعور ڪري ٿو.

هونئن هڪڙي ٻي ڳالهه ته سنڌ جا قومي ڪارڪن محسوس ڪندا رهيا آهن ته ماضي توڙي حال ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ بلوچ قومي قيادت کي هميشه وڏو پروٽوڪول ڏيندي ۽ سندن لاءِ اسٽيجون سجائيندي رهي آهي پر سنڌ جي قومي تحريڪ لاءِ بلوچ قومي تحريڪ ساڳيو خير مقدم ڪرڻ واري عمل کان ڪجهه پوئتي محسوس ٿيندي رهي آهي.

بلوچ نسل پرستيءَ واري سياست سبب ماضيءَ ۾ نه سنڌ اندر قتل ۽ رت وهائڻ جهڙا عمل به بلوچ قومي تحريڪ جي نسل پرستيءَ ۽ غير سنجيدگيءَ واري عنصر جون ساکي آهن. مثال طور اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي جي اندر بي ايس او جي حملي ۾ جساف جو مير اشتياق ٽالپر شهيد ٿي ويو ۽ ڪيترائي جيئي سنڌ جا ڪارڪن زخمي ٿيا هئا. ٻيو به هڪڙو واقعو ياد اچي ٿو ته نوي واري ڏهاڪي وارهه شهر ۾ بي ايس او ۽ سنڌي تنظيمن وچ ۾ جهيڙو ٿيو جنهن ۾ ٻنهي طرفن کان بروهي قبيلي جا نوجوان زخمي ٿيا.

بي ايس او جو تڏهوڪو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر ايوب بلوچ لاڙڪاڻي پهتو ۽ هن رابطو ڪندي چيو ته خبر پئي آهي ته وارهه ۾ جيئي سنڌ محاذ جا دوست ڪن تي وڌيڪ اثرانداز ڪرڻ آيا آهن تنهن ڪري اچو ته گڏجي ويهي ان معاملي کي نبيرون. آءُ ساڻس ملڻ لاءِ ايشيا هوٽل لاڙڪاڻي ۾ سندس ڪمري ۾ پهتس جتي هُو ڏهه پندرهن همراهه ساڻس گڏ هئا. خوش خير عافيت کان پوءِ اصل موضوع تي آيا سين ته جيئن بلوچ ۽ سنڌين جي تاريخي ناتا آهن. پر سنڌي قوم پرست سدائين اسان کي ايم ڪيو ايم ۽ پي پي آءِ (پنجابي پختون اتحاد) جي تنظيمن جيان ڏسندا رهيا آهن. جتي ڪٿي اسان جي تنظيم جي دوستن سان وڙهندا رهن ٿا.

مون کيس چيو ته پهرين ڳالهه اها ته خبر نه آهي ته تازو وارهه وارو جهيڙو ڇو ٿيو آهي؟ اسان سوير ئي ماڻهو موڪليو آهي جيڪو واپس نه موٽيو آهي. باقي توهان جي ڏنل مياريا الزام جي موٽ ۾ عرض هي آهي ته ٿورڙو غور ڪريو ته اسان کي ايم ڪيو ايم يا پي پي آءِ سان اختلاف ڪهڙو آهي؟

اسان جو ايم ڪيو ايم يا پي پي آءِ سان اختلاف اهو آهي ته هو ڪيترا ڏهاڪا سنڌ ۾ رهڻ باوجود به پاڻ کي سنڌ ڌرتيءَ سان ڳنڍڻ سنڌي ٿيڻ لاءِ تيار نه آهن. هو ته صرف چند ڏهاڪا اڳ آيا آهن. توهان ته انهن ماڻهن کي سنڌيت کان منحرف ڪرڻ جي حرڪت ڪيو ٿا جيڪي هزارين سالن کان هن ڌرتيءَ جا وارث آهن.

اسان جو ايم ڪيو ايم يا پي پي آءِ سان اختلاف اهو آهي ته هو ڪيترا ڏهاڪا سنڌ ۾ رهڻ باوجود به پاڻ کي سنڌ ڌرتيءَ سان ڳنڍڻ سنڌي ٿيڻ لاءِ تيار نه آهن. هو ته صرف چند ڏهاڪا اڳ آيا آهن. توهان ته انهن ماڻهن کي سنڌيت کان منحرف ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو ٿا جيڪي هزارين سالن کان هن ڌرتيءَ جا وارث آهن.

بقايا ❋❋❋ 01

. آرمي چيف چيو ته اسلام اسان کي امن ۽ دوستي جو سبق سيکاري ٿو ۽ اسلام بين المذاهب هم آهنگي جي حوصلا افزائي ڪري ٿو جيڪا وقت جي اهم ضرورت آهي. اسان کي مختلف چئلينجن ۽ مسئلن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ بيان بازي ۽ پروپيگنڊا مهم کان پاسو ڪرڻو پوندو. آرمي چيف پيش ايندڙ چيلنجز ۽ مسئلن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ بيان بازي ۽ پروپيگنڊه جي بجاءِ قومي مسئلن جي باري ۾ صحيح نقطه نظر سڃاڻڻ ۽ علم تي ٻڌل راءِ رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو. هن چيو ته پاڪستان جا دشمن مذهبي، نسلي ۽ سياسي ڪمزورين کي استعمال ڪندي ڏار وجهڻ چاهين ٿا. اسان کي هڪ پرعزم ۽ مضبوط قوم جي طور تي اڳتي وڌڻ لاءِ گڏ ٿيڻو پوندو. آرمي چيف قائداعظم محمد علي جناح جي 147هين يوم پيدائش تي انهن جي عظيم وژن ۽ قيادت کي شاندار خراج تحسين پيش ڪندي 11 آگسٽ 1947 تي دستورساز اسيمبلي کي خطاب جي دوران قائداعظم جي 147هين يوم پيدائش تي کيس ڀيٽا پيش ڪندي آرمي چيف چيو ته قائد اعظم فرمايو. اوهان آزاد آهيو، اوهان پنهنجن مندرن ۾ وڃڻ جي لاءِ آزاد آهيو اوهان هن پاڪستان جي رياست ۾ پنهنجي مسجدن يا ڪنهن ٻئي عبادتگاهن ۾ وڃڻ لاءِ آزاد آهيو آرمي چيف سمورن شعبن ۽ ڊومينز ۾ پاڪستان جي سموري مسيحي برادري جي خدمتن ۽ قربانين جو به اعتراف ڪيو.

بقايا ❋❋❋ 02

۾ تقريب کي خطاب ڪندي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جو خواب عورتن لاءِ هو ڪيڊٽ ڪاليج جا شاگرد شهيد بينظير ڀٽو جو خواب پورو ڪري رهيا آهن. پراڻا سياستدان پاڪستان جو ماضي آهن اوهان پاڪستان جو مستقبل آهيو. اسان ملي محنت ڪنداسين. ۽ ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو حصو وجهنداسين. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان کي ملڪ ۾ موجود تاريخي بيروزگاري، غربت ۽ مهانگائي جو مقابلو ڪرڻو آهي. حڪومت ملي ته 17 وزارتون ختم ڪري پئسا عوام تي خرچ ڪنداسين. هن چيو ته جنهن خاندان جا 2 ماڻهو پورهيو ڪري رهيا آهن انهن جي پگهار 10 سال اڳ 10 هزار هوندي هئي ته انهن جو گذارو ٿي ويندو هو اڄ جي معاشي صورتحال ۾ انهي خاندان جو گذارو ڪرڻ مشڪل آهي. اهڙين حالتن ۾ عام ماڻهو پنهنجي بجلي جو بل ڏئي يا ٻارن کي تعليم ڏئي. هن چيو ته 18هين ترميم جي باوجود 17 وزارتون صوبن ڏانهن منتقل نه ٿيون اسان انشاالله اهي وزارتون ختم ڪنداسين. انهن تي خرچ ٿيندڙ 300 ارب روپيه عوام تي خرچ ڪنداسين هن وقت تاريخي معاشي بحران آهي. پاڪستان کي موسمياتي تبديلي سبب وڏو خطرو آهي. موسمياتي تبديلي هڪ وڏو چيلينج آهي. پوري ڊوالپمينٽ جي نقشي ۾ اسان تبديليون آڻينداسين اسان ماڊرن ٽيڪنالاجي استعمال ڪنداسين ته جيئن معيشت جي ذريعن کان بچائي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي. هاري خوشحال هوندو ته ملڪ ۽ عوام خوشحال هوندي. هاري خوشحال هوندو ته اسان دنيا جو مقابلو ڪري سگهون ٿا. پيپلز پارٽي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آندو اسان مزدورن لاءِ مزدور ڪارڊ، نوجوانن لاءِ يوٿ ڪارڊ آڻينداسين. اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته اسان ماضي جيان معيشت کي خوشحالي طرف وٺي وينداسين گهرن ۽ دڪانن ۾ ڪم ڪندڙن جو حق آهي ته انهن کي به پينشن ملي. يوٿ ڪارڊ ۽ يوٿ مرڪز نوجوانن کي مدد ڏيندا. يوٿ مرڪز ۾ ڊيجيٽل لائبريري، مفت وائي فائي هوندو يوٿ مرڪز ۾ شفافيت ۽ ٻين شعبن لاءِ سهوليت موجود هوندي. اسان پنهنجن نوجوانن کي يوٿ مرڪز مان ٽريننگ ڪرائينداسين. پ پ چيئرمين چيو ته اسان جا اسلام آباد وارا بابو چون ٿا ته اسان وٽ پئسا نه آهن. اسان وٽ ايترا وسيلا موجود ته آهن جو اسان مسئلا حل ڪري سگهون. آئون کين ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اسلام آباد ۾ 17 وزارتن جي آئيني طور تي ڪا به ضرورت نه آهي.

انهن 17 وزارتن ۾ ساليانو 3 سئو ارب روپيه خرچ ٿيندو آهي اسان انهن 17 وزارتن کي ختم ڪنداسين. هن وقت نفرت جي سياست هلي رهي آهي. اسان کي نفرت، ورهاست جي سياست کي ڇڏي ملڪي ترقي ۾ پنهنجو حصو وجهڻو پوندو اسان کي اوهان جي ساٿ جي ضرورت آهي جيئن اسان ملڪ ۽ عوام جي قسمت تبديل ڪري سگهون.

بقايا ❋❋❋ 03

وزير محمد احمد شاهه سان گڏ سينٽ پيٽرڪ چرچ پهتو ۽ مسيحي برادري جي بزرگن ۽ موقعي تي موجود شهرين کي ڪرسمس جي مبارڪباد ڏني ۽ ڪرسمس جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو. سينٽ پيٽرڪ چرچ کان سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر نگران اطلاعات واري وزير محمد احمد شاهه سان گڏ هولي ٽرينٽي ڪيٿڊرل پهتو ۽ اتي موجود عيسائي برادري جي بزرگن ۽ ماڻهن کي ڪرسمس جون مبارڪون پيش ڪيون ۽ ڪرسمس جو ڪيڪ ڪاٽيو. ان موقعي تي مسيحي برادري جي بزرگن وڏي انگ ۾ سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر ۽ نگران اطلاعات واري وزير محمد احمد شاهه جو استقبال ڪيو. ان موقعي تي وزيراعليٰ سنڌ جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر خطاب ڪندي چيو ته ٻه وڏين خوشين يعني پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي سالگرهه ۽ ڪرسمس گڏيل طور ملهائي رهيا آهيون. هن چيو ته قائداعظم محمد علي جناح جي پاڪستان کي قائد اعظم جي فرمائن تنوع (ڊائورسٽي) ۽ هتي رهندڙ سڀني ماڻهن جي لاءِ امن، محبت، ترقي، خوشحالي ۽ ترقي جي هڪجهڙن موقعن جي فراهمي کي يقيني بڻائينداسين. سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر چيو ته حضرت عيسيٰ عليه السلام اسان جي لاءِ احترام جي لائق پيغمبر آهي. ان موقعي تي اطلاعات، اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ واري نگران وزير محمد احمد شاهه چيو ته سنڌ جي عظيم صوفين جي تعليمات موجب نگران سنڌ حڪومت صوبي جي عوام جي بغير ڪنهن فرق جي خدمت ڪرڻ تي يقين رکي ٿي. محمد احمد شاهه چيو ته سنڌ جي وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر جي مسيحي ڀائرن جي خوشين ۾ شرڪت دراصل انهن خوشين ۾ سنڌ حڪومت جي شرڪت جو اظهار آهي. هن چيو ته اسان پنهنجي صوبي ۽ ملڪ کي قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامه اقبال جي ڏنل اصولن موجب هڪ پرامن ۽ خوشحال ملڪ بڻائينداسين.

بقايا ❋❋❋ 04

آ، ٽي تنقيد ڪندي آصف زرداري چيو ته پي ٽي آءِ وارا ته پهريان بنا محنت جي اچي ويا هئا هاڻ کين چونڊن ۾ کٽڻ جي لاءِ محنت ڪرڻ گهرجي. اڳوڻو صدر خصوصي جهاز ذريعي نوابشاهه ايئرپورٽ پهتو جتي هن نامزدگي ڪاغذن جي جانچ پڙتال ڪرائي. ياد رهي ته آصف علي زرداري نوابشاهه مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 207 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا.

بقايا ❋❋❋ 05

ڏيان ٿو هن چيو ته وفاقي حڪومت کي خط لکي رهيو آهيان ته مسيحي برادري جي مخصوص ڪوٽا سسٽم ۾ 5 کان 10 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي. گورنر سنڌ چيو ته گورنر هائوس جا دروازا سڀني لاءِ کليل آهن. هن چيو ته پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ مسيحي برادري اڄ حضرت عيسيٰ جي ولادت جو جشن ملهائي رهيا آهن ڪرسمس جو مقصد دنيا ۾ امن ۽ خوشحالي جو پيغام عام ڪرڻ آهي. حضرت عيسيٰ عليه السلام کي امن، ڀائيچاري ۽ احترام جي علامت سمجهيو وڃي ٿو حضرت عيسيٰ عليه السلام رواداري، محبت ۽ همدردي جي تبليغ ڪري انسانيت کي شفا ڏني. سنڌ جي گورنر چيو ته پاڪستان ۾ لکين مسيحي پنهنجو ڏهاڙو ملهائي رهيا آهن هن چيو ته پاڪستان جون ٻيون سڀ مذهبي برادريون پنهنجي مسيحي ڀائرن سان ڪرسمس جي خوشين ۾ گڏ آهن. هن چيو ته ڪرسمس جي خوشين ۾ سمورن مذهبي برادرين

جي شرڪت سڀني عقيدن ۾ يڪجهتي ۽ محبت کي هٿي ڏئي ٿي.

بقايا ❋❋❋ 06

ڪارڊز جون سنڀالي ورتيون. تقريب جو خاص مهمان ميجر جنرل افتخار حسن چوڌري هو. ميجر جنرل افتخار چوڌري مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتح خواني ڪئي ۽ مهمان جي ڪتاب ۾ تاثر قلمبند ڪيا. نگران وڏي وزير مقبول باقر ۽ گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري پاران صدر عارف علوي جو مزار قائد تي استقبال ڪيو ويو. نگران وڏي وزير، گورنر ۽ صدر پاران باني پاڪستان جي مزار تي گل چاڙهي دعا گهري وئي. ان موقعي تي نگران وڏي وزير مقبول باقر جو چوڻ هو ته قائد اعظم جهڙا عظيم اڳواڻ صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. اسان کي قائد اعظم جي رهنمائي تي عمل ڪندي ملڪ جي بنا فرق جي خدمت ڪرڻي آهي. قائد اعظم جي خواهش هئي ته هي ملڪ معاشي ۽ معاشرتي اعتبار سان دنيا جي طاقت بڻجي.

بقايا ❋❋❋ 07

فري زون بڻائڻ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. تقريب ايس اي حيسڪو آفيس ميرپورخاص ۾ ٿي، جنهن ۾ توانائي ۽ بجلي واري وفاقي وزير محمد علي ۽ وفاقي سيڪريٽري انرجي راشد محمود لنگڙيال وڊيو لنڪ ذريعي اسلام آباد مان شرڪت ڪئي. جڏهن ته وفاقي ايڊيشنل سيڪريٽري انرجي اينڊ پاور حسن نقوي، ڪمشنر ميرپورخاص فيصل عقيلي، ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص ڊاڪٽر رشيد مسعود، سي اي او حيسڪو بشير احمد گجر ايس ايس پي عادل ميمڻ، ايس اي حيسڪو رشيد احمد انصاري ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر خطاب ڪندي چيو ته ميرپورخاص کي لوڊشيڊنگ فري قرار ڏيڻ لاءِ تقريب ڪرائڻي وئي آهي جيئن ته توهان سڀني کي خبر آهي ته اڄ 25 ڊسمبر تي پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جو جنم ڏينهن آهي. هن اهم ڏينهن تي حڪومت پاران ميرپورخاص جي عوام لاءِ لوڊشيڊنگ مفت بجلي جي سهولت شروع ڪئي پئي وڃي. حيسڪو انتظاميا ۽ انهن جي پوري ٽيم خاص ڪري مزدورن کي منهنجو سلام آهي. هن وڌيڪ چيو ته ميرپورخاص جي سمورن 16 فيڊرز تي ڪومبنگ جو ڪم ڪيو ويو آهي. جن ۾ ميٽرن جي سيڪنگ، ٽرانسفارمرن کي محفوظ ڪرڻ، پولز ۽ تارن کي درست ڪرڻ/سٽو ڪرڻ ۽ ترقياتي ڪم پڻ ڪندا رهيا. جتي نقصان 30 سيڪڙو هئا جنهن کي گهٽائي 17 سيڪڙو آندو آهي ۽ اوگرائي پڻ وڌي وئي آهي. نگران وڏي وزير چيو ته وفاقي حڪومت 7 سيپٽمبر 2023ع کان سڄي ملڪ ۾ بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرن خلاف مهم شروع ڪري ڇڏي آهي ته جيئن بجلي ڊسٽريبيوشن ڪمپنين جي مالي حالت کي بهتر بڻائي سگهجي. بجلي چوري جهڙي برائي کي ختم ڪري عوام کي لوڊشيڊنگ مفت بجلي جي سهولت فراهم ڪري سگهجي ٿي. هن چيو ته سنڌ حڪومت حيسڪو جي سموري انتظاميا سان مڪمل تعاون ڪري رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته آئون عوام کي اپيل ڪريان ٿو ته هو پنهنجي قومي ذميواري جو مظاهرو ڪندي بجلي جو قانوني طريقي سان استعمال ڪن ۽ بجلي چوري ۽ سهولتڪارن خلاف هن مهم ۾ حڪومت سان ڀرپور سهڪار ڪن. وڏي وزير چيو ته عوام کي گذارش آهي ته بجلي جا بل وقت تي ادا ڪن ته جيئن لوڊشيڊنگ مفت ۾ ٿي سگهي. جسٽس (ر) مقبول باقر چيو ته حيسڪو انتظاميه کي گهرجي ته ٻين وڏن شهرن ۾ لوڊشيڊنگ مفت بجلي جي سهولت فراهم ڪري. حڪومت عوام جي خدمت لاءِ ادارا ناهيا آهن ۽ ادارا عوام جي تعاون ڪانسواءِ پنهنجون بهتر خدمتون سرانجام نٿا ڏئي سگهن جنهن جو مثال اڄ به موجود آهي. وڏي وزير چيو ته ميرپورخاص جي عوام کي لوڊشيڊنگ فري ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته حيسڪو ٻين شهرن ۾ به ڪم ڪندي بهتر بجلي فراهم ڪندو. تقريب کي وڊيولنڪ ذريعي خطاب ڪندي توانائي واري وفاقي سيڪريٽري راشد محمود لنگڙيال چيو ته ملڪ جي ٻن شهرن ميرپورخاص ۽ مردان کي لوڊشيڊنگ فري زون بڻائڻ لاءِ چونڊيو ويو آهي. ان ڏس ۾ ميرپورخاص ۾ ڪيترائي مسئلا درپيش هئا تنهنڪري اسان ميرپورخاص جي 16 فيڊرن ۾ لوڊشيڊنگ فري زون بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون جنهن سان نيشنل گرڊ ۾ 65 ارب رپين جي بجلي جي بچت ٿيندي. ان موقعي تي سي اي او حيسڪو بشير احمد گجر چيو ته هي ميرپورخاص سنڌ صوبي جو پهريون شهر آهي جنهن کي لوڊشيڊنگ فري بڻايو پيو وڃي ۽ اهو اعزاز ميرپورخاص جي عوام ۽ ان جي انتظاميا کي وڃي ٿو هن چيو ته هن منصوبي کي مڪمل ڪرڻ ۾ ضلعي انتظاميا، پوليس، واپاري برادري ۽ صحافي برادري جي ڀرپور سهڪار تي اسان شڪر گذار آهيون چاڪاڻ ته ميرپورخاص شهر جي 16 عدد 11 ڪي وي فيڊرز جي 42 هزار صارفين جي ميٽرن کي محفوظ ڪرڻ، اضافي ٽرانسفارمر لڳائڻ، سيڪيورنگ ۽ پولن ۽ تارن کي سٽو ڪرڻ جهڙو ڏکيو ڪم حيسڪو انٽيليجنس جي آفيسرن ۽ ڪارڪنن ڏينهن رات محنت ڪري مڪمل ڪيو هن وڌيڪ چيو ته ان سان ميرپورخاص شهر ۾ 10 ملين يونٽس جي بچت ٿيندي ۽ سڄي حيسڪو ريجن ۾ ڪمبنگ جي ڪم کان هڪ سال ۾ 364 ملين يونٽس بچندا. حيسڪو سربراهه

ٻڌايو ته نومبر ۽ ڊسمبر ۾ 16 فيڊرن ۾ ڪمرشل خسارو 30 سيڪڙو هو جيڪو گهٽجي 17 سيڪڙو رهجي ويو آهي.

بقايا ❋❋❋ 08

ٽي وي مطابق ن ليگ جي سمورن اميدوارن جي ڇنڊڇاڻ بعد کين ڪليئر قرار ڏنو ويو آهي. پلي بارگين ڪندڙ ۽ سزا يافته اميدوار اليڪشن جي لاءِ اهل ناهي. پ ٽ پ ۽ ٻين جماعتن جي اميدوارن جي اسڪروٽني اڃان جاري آهي ان هوندي نيب هيڊ ڪوارٽر ۾ اليڪشن ڪميشن جي معاونت لاءِ خصوصي سيل قائم ڪيو ويو آهي. نيب هيڊ ڪوارٽر ۾ قائم سيل جا سمورا بيورو معاونت ڪري رهيا آهن اليڪشن ڪميشن جي ترجمان ٻڌايو آهي ته آن لائن سهولت مرڪز ڀرپور نموني ڪم ڪري رهيو آهي. اميدوارن جا سمورا تفصيل ضروري ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل ادارن کي موڪليا پيا وڃن اليڪشن ڪميشن مان ملندڙ اميدوارن جي فهرست جو جائزو ورتو پيو وڃي. جڏهن ته پلي بارگين ڪندڙ ۽ سزا ڪاٽيندڙ اميدوار اليڪشن جي لاءِ اهل ناهن.

بقايا ❋❋❋ 09

ڪئي ملاقات ۾ صوبي ۾ امن امان، ڪراچي مان اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ حڪمت عملي، عام چونڊن دوران سيڪيورٽي قدمن سميت گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سنڌ جي گورنر چيو ته عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن هن چيو ته شهر مان اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ موثر حڪمت عملي ضروري آهي ڪامران خان ٽيسوري چيو ته پوليس جي گشت ۾ واڌ، سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو گورنر سنڌ چيو ته عام چونڊن لاءِ سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا وڃن نگران صوبائي گهرو وزير پاران سنڌ جي گورنر کي امن امان برقرار رکڻ جي قدمن تي تفصيلي بريفنگ

بقايا ❋❋❋ 10

اميدوارن جا بينرز ڇاپڻ جي حوالي سان هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. اليڪشن ڪميشن طرفان تجويز ڪيل سائيز کان وڏا پوسٽرز، هينڊ بلز، پمفليٽ، بينرز يا پورٽريٽ لڳائڻ ۽ ورهائڻ جي اجازت نه هوندي. پوسٽرز 18 انچ ڊگهو 23 انچ کان وڌيڪ ويڪرو نه هجي هينڊ بلز، پمفليٽ، 9 انچ ڊگهو ۽ 6 انچ ويڪرو هجي بينرز 3 فٽ ڊگهو ۽ 9 انچ کان وڌيڪ ويڪرو نه هجي. پورٽريٽ 2 فٽ ڊگهو ۽ 3 فٽ ويڪرو ٿي سگهي ٿو پبلشر جو نالو ۽ ايڊريس پوسٽرز، هينڊ بلز، پمفليٽ، بينرز ۽ پورٽريٽ تي لکڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي جڏهن ته قرآني آيتن سميت مذهبي مواد کي لکڻ غيرقانوني قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا ❋❋❋ 11

تي 3 ڀيرا مخصوص سيٽ تي اسيمبلي ميمبر بڻجي. هو سنڌ اسيمبلي جي ڪارروائي ۾ حصو وٺندڙ عورتن مان پهرين نمبر تي آهي. نصرت سحر عباسي سنڌ اسيمبلي ۾ ڀرپور طريقي سان اپوزيشن جو ڪردار ادا ڪندي رهي. عوام ۽ عورتن جا مسئلا، ڪرپشن، جعلي ڀرتين سميت اهم معاملن کي اجاگر ڪيو. نصرت سحر عباسي سياست کي الوداع ڪري هاڻ ڪينيڊا منتقل ٿي وئي آهي.

بقايا ❋❋❋ 12

جي موقعي تي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ چيو ته مسيحي برادري جي زندگي جي هر شعبي ۾ اهم ڪردار اسان جو ڪنڌ فخر سان مٿي ڪيو آهي. نگران وزيراعظم چيو ته قائداعظم جي پاڪستان ۾ هر شخص کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي. اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر شهباز شريف به مسيحي برادري کي ڪرسمس جي مبارڪباد پيش ڪئي. هن چيو ته ڪرسمس تي فلسطين، جمون، ڪشمير ۽ يوڪرين جي بي گناهه انسانن کي نه وساريو. پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي ڪيٿڊرل چرچ لاهور ۾ ڪرسمس جي تقريبن ۾ شرڪت ڪري ڪيڪ ڪاٽيو. ڪيٿڊرل چرچ ۾ منعقد ڪيل دعائيه تقريب ۾ شرڪت جي دوران نگران وڏي وزير چيو ته جڙانوالا واقعي جي جيتري مذمت ڪئي وڃي اها گهٽ آهي.

بقايا ❋❋❋ 13

سندن مخالف ۽ پارٽيون بدلائيندڙ لوٽن راڻن کي ترجيح ڏني آهي. سينئر اڳواڻن کان علاوه نوجوان ڪارڪن آميتا ٻچن، راهول جيون، نارائڻ لاکاڻي ۽ قيصر سيجواڻي فارم ڀرايا آهن پر پ پ جي حمايت کان محروم رهيا آهن. ان جي مقابلي ۾ نواز ليگ سنڌ مان عورتن ۽ اقليتي مخصوص سيٽن تي نيلم ڪماري کي پهرين نمبر تي رکيو آهي. جيڪا هڪ ته غريب ۽ پراڻي ن ليگ اڳواڻ آهي پ پ جي اهڙي غير منصفانا عمل تي هيٺين ذاتين ۾ شديد ڏک ۽ غصي جي لهر پکڙيل آهي. غريب وفادار ڪارڪن بدران پ پ صرف سيٺين کي مان ڏئي ٿي انڪري ميگهواڙن ۽ ٻين ذاتين جنرل اليڪشن ۾ پ پ مخالف اميدوارن کي ووٽ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا ❋❋❋ 14

پارٽي راشد شفيق پنهنجي جا ڪاغذ منظور ٿي ويا آهن. اليڪشن ۾ ڀرپور نموني حصو وٺنداسين. اسان جو ڪنهن سان به جهڳڙو ناهي. منهنجي لاءِ

سب احترام قابل آهن. پي ٽي آءِ وارا مون کي ووٽ ڏيندا. 17 ڀيرا وزير رهي چڪو آهيان پر هن وقت تائين مون تي ڪرپشن جو الزام ناهي لڳو هن چيو ته 6 فيبروري تي هڪ ئي جلسو ڪندس پي ڊي ايم خلاف عوام ۾ ويندس. ان کان اڳ شيخ رشيد لال حويلي ٻاهران جهرڪين کي آزاد ڪيو.

بقايا ❋❋❋ 15

. يوم قائداعظم تي فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن جي اهتمام هيٺ منعقد تقرير مقابلي جي تقريب کي خطاب ڪندي هن وڌيڪ چيو ته قائد اعظم محمد علي جناح جي حوالي سان خوبصورت تقريرون ڪيون. مرتضيٰ سولنگي چيو ته قائد اعظم جي ڏنل بنيادي اصولن ۾ ئي ترقي جو راز لڪيل آهي. هن چيو ته قائداعظم هميشه پرامن سياسي جدوجهد تي يقين رکندو. اسان آئين وفاقي جمهوريت تي ٻڌل آهي. نگران وزير چوڻ هو ته هي ملڪ هن جا چونڊيل نمائندا ئي هلائيندا موجوده نگران حڪومت آئين آرٽيڪل 224 جي پيداوار آهن. 8 فيبروري تي جڏهن عام چونڊون ٿينديون ته هي ملڪ پنهنجي منزل طرف هلندو هن چيو ته سمورن ٻارڙن ۽ ٻارڙين کي مبارڪون ڏيان ٿو ته اسان جي ڏکيائن جو حل جمهوريت، ڳالهين ۽ قانون جي حڪمراني ۾ آهي.

بقايا ❋❋❋ 16

ختم ٿيڻ گهرجي. ن ليگ، ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ جي ڊي اي جو اتحاد 18 هين ترميم، صوبائي خودمختياري جي خلاف ۽ نئين صوبي جي قيام لاءِ آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سومر ڏينهن لاڙڪاڻي جي بيگم نصرت ڀٽو هال ۾ بي ايس ايف طرفان "شهيد بينظير ڀٽو جمهوريت جي سفير" جي عنوان هيٺ سيمينار کي خطاب ڪندي ۽ پي ايس 11، پي ايس 15 تي نامزدگي وارا ڪاغذ منظور ٿيڻ کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته پيپلز پارٽي ڪنهن جي اشارن تي سياست نه ڪندي آهي. اسين عوام کي صرف پنهنجي قوت سمجهون ٿا. ڀلي ٻيون سياسي جماعتون لاڏلو ٿيڻ جي ڪوشش ڪن پر پيپلز پارٽي صرف عوام کي پنهنجو لاڏلو سمجهي ٿي ۽ عوام جي قوت سان ڪاميابي حاصل ڪري اقتدار ۾ ايندي. هن چيو ته پيپلز پارٽي عام چونڊون پنهنجي منشور ۽ نشان تي وڙهندي ۽ ڪنهن به جماعت سان اتحاد نه ڪنداسين چاڪاڻ ته اسان جو اتحاد عوام سان آهي جيڪڏهن عوام مينڊيٽ ڏنو ته وزيراعظم ۽ صوبن ۾ وڏا وزير پيپلز پارٽي جا هوندا. هن چيو ته شفاف چونڊن سان ئي جمهوريت مضبوط ٿيندي ۽ 8 فيبروري پيپلز پارٽيءَ لاءِ پوري ملڪ ۾ ڪاميابيءَ جو ڏينهن هوندو هن چيو ته نوجوانن جو ليڊر ٻيو ڪو نه ته بلاول ڀٽو زرداري آهي ان لاءِ نوجوان بلاول ڀٽو جو ساٿ ڏين ته پيپلز پارٽي بيروزگاري ۽ غربت جو مقابلو ڪري ملڪ ۾ نوجوانن کي بهتر روزگار جا موقعا فراهم ڪري ڏيندي. هن چيو ته ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان جو اتحاد 18 هين ترميم ۽ صوبائي خودمختياري جي خاتمي ۽ نئين صوبي جي قيام واري ايجنڊا تي آهي ۽ جي ڊي اي به انهن جماعتن سان ان اتحاد ۾ آله ڪار آهي. هن چيو ته آئيني طور 18 هين ترميم ۾ وڌيڪ ترميم صرف ايوان جي ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت سان ڪري سگهجي ٿي ان لاءِ اهي جماعتون اتحاد ناهي ان 18 هين ترميم ۽ صوبائي خودمختياري کي رول بيڪ ڪرڻ چاهن ٿيون. پر سنڌ جي اها سازش ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب نه ٿيندي. پيپلز پارٽي 18 هين ترميم ۽ صوبائي خودمختياري خلاف سازشن کي ناڪام بڻائيندي. هن چيو ته 27 سالن کان پوءِ صوبائي خودمختياري ملي آهي ۽ صوبن جو اين ايف سي ۾ حصو وڌائي 57 سيڪڙو ۽ وفاق جو حصو 43 سيڪڙو ڪيو ويو ان لاءِ مضبوط مرڪز جي سوچ رکندڙ اهي جماعتون اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو گهٽ ڪرڻ جي سازش ڪري رهيون آهن پر آئيني طور اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو وڌائي ته سگهجي ٿو گهٽ نه ٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته پيپلز پارٽي وفاق ۾ حڪومت ناهي اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو وڌيڪ وڌائيندي چاڪاڻ ته اسين چاهيون ٿا ته عوام جي ٽئڪس جا پئسا صوبن جي عوام تي لڳن. هن چيو ته نواز شريف صوبائي خودمختياري جي دشمن جماعتن ايم ڪيو ايم پاڪستان سان اتحاد ڪيو آهي ان جماعت ڪراچيءَ ۾ ٻهراڙي وارن جو شهري سنڌ تي قبضو نامنظور هجڻ وارا پينافليڪس لڳايا آهن جن جي اسين مذمت ڪيون ٿا. هن چيو ته آئين ۾ نون صوبا ناهن جو ڪو به ذڪر ڪونهي صرف چئن صوبن جو آئين ۾ ذڪر آهي. هن وڌيڪ چيو ته ماضيءَ ۾ عوام جي ووٽ جي توهين ڪري جمهوري حڪومتن کي وقت کان اڳ گهر موڪليو ويندو هو پر صدر آصف علي زرداريءَ 18 هين ترميم جي ذريعي رات جي اونداهيءَ ۾ حڪومتن کي ختم ڪرڻ جو رستو روڪي ڇڏيو ۽ صوبن کي خودمختياري ڏئي معاشي طور تي مضبوط ڪيو هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 16 هين ورسي جي موقعي تي ڳڙهي خدابخش ۾ وڏو جلسو ٿيندو جنهن ۾ لکين عوام شرڪت ڪندو. جلسي کي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف علي زرداري خطاب ڪندا ۽ جلسي بابت سڀئي تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. هن چيو ته ملڪ ۾ جمهوريت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مرهون منت آهي جن عوام لاءِ قربانيون ڏئي عوام کي مضبوط ڪيو ۽ هاڻي بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي والده ۽ پنهنجي ناني جي

نقش قدم تي هلندي عوام ۾ موجود آهي ۽ عوام لاءِ آواز اٿاري رهيو آهي. هن چيو ته جيڪي سياسي جماعتون دعويٰ ڪري رهيون آهن ته انهن اهي پنهنجي خاندان وانگر پنهنجون اهڙيون شهادتون وانگر قربانيون ڏنيون. شهيد محترمه بينظير ڀٽو واقعي جمهوريت جي سفير هئي هن پنهنجي سياسي مخالف ليڊر نواز شريف کي به ملڪ واپس آندو ته جيئن ملڪ ۾ جمهوريت مضبوط ٿئي ۽ ميثاق جمهوريت به ان سلسلي جي ڪڙي هئي چاڪاڻ ته پيپلز پارٽي ملڪ ۾ آئين، پارليامينٽ جي بالادستي ۽ جمهوريت جي مضبوطي چاهي ٿي جيڪڏهن جمهوريت مضبوط هوندي ته عوام مضبوط هوندو. ٻئي طرف پي پي پي جي سنڌ جي صدر نثار کهڙو پي ايس 11 لاڙڪاڻو ۽ پي ايس 15 ميروخان تي نامزدگي وارا ڪاغذ منظور ڪيا ويا. لاڳاپيل رٽرننگ آفيسرن سندس ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ جي موقعي تي سندس ڪاغذن کي درست قرار ڏئي منظور ڪيو ان موقعي تي ڪارڪنن نثار کهڙو کي گلن جا هار پارائي جيئي ڀٽو جا نعرا پڻ هنيا.

بقايا ❋❋❋ 17

ته سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جي 130 سيٽن جي لاءِ 6585 فارم جمع ڪرايا آهن. صوبائي اليڪشن ڪمشنر شريف الله چيو آهي ته نامزدگي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ 30 ڊسمبر تائين جاري رهندي، سمورن اميدوارن کي اليڪشن ڪميشن جي ضابطه اخلاق تي عمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي هن چيو ته سمورا اميدوار ضابطه اخلاق تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ هن چيو ته پرامن صاف شفاف ۽ غير جانبدار چونڊون ڪرائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا ويندا. اليڪشن ڪميشن پنهنجي آئيني ذميواري ادا ڪرڻ جي لاءِ مڪمل طور تي تيار آهي.

بقايا ❋❋❋ 18

۾ سيٽ تان نامزدگي ڪاغذ جمع نه ڪرايا. آصفه ڀٽو زرداري به ڪنهن ۾ سيٽ تي نامزدگي ڪاغذ جمع نه ڪرايا. بلاول ڀٽو زرداري 2018 ۾ لياري کان چونڊ سياست جي شروعات ڪئي هئي. ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڪراچي جي جيالن جي علائقي لياري تان قومي اسيمبلي جي سيٽ ڀٽو جي نالي سان سڃاتي ويندي آهي. سال 1988ع ۾ شهيد بينظير ڀٽو لياري مان چونڊ وڙهي چڪي آهي. اڳوڻو صدر آصف علي زرداري به 1993ع ۾ لياري مان چونڊ وڙهي چڪو آهي. جڏهن ته پيپلز پارٽي جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو به لياري جي سيٽ تي عام چونڊن ۾ حصو ورتو هو. ياد رهي ته بلاول ڀٽو زرداري 8 فيبروري 2024 تي ٿيندڙ چونڊن جي لاءِ لاڙڪاڻو لاهور ۽ قمبر شهدادڪوٽ تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن. بلاول ڀٽو زرداري اين اي 127، اين اي 194 ۽ اين اي 196 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن. جڏهن ته ڪراچي جي ڪنهن به سيٽ تي نامزدگي ڪاغذ جمع نه ڪرايا.

بقايا ❋❋❋ 19

جو عمل شروع ٿي ويو آهي جيڪو 31 ڊسمبر تائين جاري رهندو. اسڪروٽني ۾ ڪاغذ رد يا منظور ٿيڻ خلاف اليڪشن ٽربيونلز ۾ اپيل ٿي سگهندي. ريٽرننگ آفيسرن جي فيصلن خلاف سڀاڻي اڱاري 26 ڊسمبر کان اپيلون داخل ڪري سگهبيون. ريٽرننگ آفيسرن جي آفيس جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي آهي. ريٽرننگ آفيس ۾ ريلين جي صورت ۾ اچڻ تي پابندي لڳائيندي نعريبازي تي به پابندي هڻي ڇڏي آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان چيو آهي ته ريٽرننگ آفيسرن جي لاءِ نامزدگي ڪاغذن جي جانچ پڙتال جي آساني لاءِ آن لائن سهوليت مرڪز اليڪشن ڪميشن سيڪريٽريٽ ۾ قائم ڪيو ويو آهي. اهڙي سهولت مرڪز جي مدد نادرا، قومي احتساب بيورو، ايف آءِ اي، ايف بي آر ۽ اسٽيٽ بينڪ ڪري رهيا آهن ريٽرننگ آفيسرن طرفان مليل اميدوارن جا ڪاغذ ضروري ڪارروائي جي لاءِ انهن ادارن ڏانهن اماڻيا پيا وڃن. اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري پاور ڊويزن، سيڪريٽري پيٽروليم ڊويزن، سيڪريٽري نيشنل ٽيلي ڪميونيڪيشن ڊويزن، سيڪريٽري هائوسنگ اينڊ ورڪس ڊويزن، چئني چيف سيڪريٽريز ۽ چيئرمين سي ڊي اي کي به لکت جي طور تي آگاهه ڪيو آهي ته هو ريٽرننگ آفيسرن کان اميدوارن جي فهرست حاصل ڪري حڪومت جا سمورا وفاقي، صوبائي ادارا فوري طور تي ريٽرننگ آفيسرن سان رابطو ڪن. اميدوارن جي فهرست 24 ڊسمبر 2023 تي جاري ڪئي وئي آهي.

بقايا ❋❋❋ 20

۾ اسلام آباد ايڪسپريس وي جي هنڊ تي ٽوڪ ڪالا خان اسٽاپ ويجهو خوفناڪ روڊ حادثو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا فوت ۽ 5 زخمي ٿي پيا آهن. سمورن زخمين کي فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ترجمان 1122 چيو آهي ته حادثو ڪار ۽ موٽر سائيڪل جي وچ ۾ پيش آيو زخمين مان 4 ڄڻن جي حالت انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي جڏهن ته فوت ٿي ويلن جا لاش پمز اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن. ذريعن موجب روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل 2 ڄڻن جو تعلق مسيحي برادري سان آهي. سمورن زخمين ماڻهن جو تعلق به مسيحي برادري سان آهي ٻڌايو پيو وڃي ته ڪار ۾ سوار سمورا ماڻهو نشي جي حالت ۾ هئا.

بقايا ❋❋❋ 21

ليگي اڳواڻ شاهد خاقان عباسي، اڳوڻي نائب وزير مفتاح اسماعيل، اڳوڻي سينيٽ چيئرمين نيئر بخاري چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اهڙي ريت اڳوڻن وفاقي وزيرن اسد عمر، علي نواز اعوان، علي زيدي، خسرو بختيار به اليڪشن کان ٻاهر ٿي ويا آهن. صداقت عباسي، عمران اسماعيل ۽ فرخ حبيب به ايندڙ اليڪشن ۾ حصو نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا ❋❋❋ 22

ان حوالي سان هڪ مختصر وڊيو به جاري ڪئي آهي. وڊيو ۾ قائد اعظم کي برِ صغير جي مظلوم مسلمانن ۾ اميد جي روشني ۾ ڏيکاريو ويو آهي. پاڪ فضائيا جي ترجمان هڪ بيان ۾ چيو ويو آهي. ته قائداعظم هندستان جي مسلمانن کي متحد ڪري هڪ ڌار آزاد وطن حاصل ڪيو باني پاڪستان جي اڻ ٿڪ ڪاوشن سان ئي اسان آزاد رياست ۾ اسان ساهه کڻي رهيا آهيون. قائد اعظم جمهوريت، آزادي، مساوات، رواداري ۽ سماجي نصاف جي اصولن تي ٻڌل رياست جو بنياد رکيو.

بقايا ❋❋❋ 23

عملدارن اميدوارن جي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي. گذريل 5 ڏينهن دوران ملڪ ۾ هزارين اميدوارن قومي ۽ صوبائي اسيمبلي لاءِ ڪاغذ جمع ڪرايا. جاري ڪيل چونڊ شيڊول مطابق اليڪشن ڪميشن 25 کان 30 ڊسمبر تائين ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ ڪندي. ن ليگ جي قائد ميان نواز شريف لاهور جي تڪ اين اي 130 تي فارم جمع ڪرايو سندس مقابلو پي ٽي آءِ جي ياسمين سان ٿيندو. ن ليگ صدر شهباز شريف ڪراچي، قصور، لاهور ۾ قومي اسيمبلي لاءِ ميدان تي لٿو آهي. اين اي 119 لاهور تي مريم نواز ۽ پي ٽي آءِ جي عبدالعليم خان جو مقابلو ٿيندو. پنجاب جي پي پي 80 سرگودا تي مريم نواز جي مقابلي ۾ پي ٽي آءِ جو نعيم پنجوٿا ڪاغذ جمع ڪرايا. اين اي 118 لاهور تي حمزا شهباز ۽ عبدالعليم خان ۾ مقابلو ٿيندو. بلاول ڀٽو جو اين اي 127 لاهور تي ن ليگ جي شائسته پرويز سان مقابلو ٿيندو پ پ چيئرمين اين اي 149 لاڙڪاڻي تان به اليڪشن وڙهندو. اين اي 122 لاهور تي خواجه سعد رفيق ۽ پي ٽي آءِ جي لطيف کوسه ۾ مقابلو ٿيندو آءِ پي پي جو جهانگير ترين ملتان ۽ لوڌرا مان قومي اسيمبلي لاءِ اليڪشن وڙهندو. شاهه محمود قريشي ملتان جي قومي اسيمبلي جي 2 سيٽن اين اي 150 ۽ 151 تي اميدوار آهي. جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان اين اي 40 ڊيرا اسماعيل خان تان اليڪشن وڙهندو.

بقايا ❋❋❋ 24

سان گڏ بابا قوم جي مزار تي حاضري ڀري. قائد اعظم محمد علي جناح جي پيدائش تي خراج تحسين پيش ڪيو. گورنر سنڌ مزار تي فاتحه خواني گلن جي چادر چاڙهي ۽ ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعا پڻ ڪئي. ان موقعي تي نگران صوبائي ڪابينا جا ميمبر پڻ موجود هئا.

بقايا ❋❋❋ 25

اثر انداز ٿيندڙ ماڻهن کي اعزازي بنيادن تي فوڊ اينڊ هائجين ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويندو. جنهن تحت مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ نامور ماڻهن ۽ سماج تي اثرانداز ٿيندڙ شخصيتن کي اعزازي بنيادن تي فوڊ اينڊ هائجين ايڊمنسٽريٽرز مقرر ڪيا ويندا. هن پروگرام جو مقصد صوبي جي آبادي جي مختلف طبقن کي غذائيت ۽ خوراڪ، خوراڪ جي حفاظت ۽ حفظان صحت، صحتمند کاڌن جي عادتن ۽ صحتمند غذا برقرار رکڻ جي فائدن جهڙين ضروري موضوعن تي آگاهي فراهم ڪرڻ آهي. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين سان ملاقات ۾ حسين، يوسف بشير قريشي عام ماڻهن ۾ فوڊ سيفٽي ۽ حفظان صحت بابت آگاهي جي پروگرام ۾ پنهنجي ڀرپور شرڪت ۽ سهڪار جو يقين ڏياريو.

بقايا ❋❋❋ 26

شڪار آهي. عوام 08 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن ۾ نااهل ۽ غيرن جي ايجنٽ ٽولي کي مسترد ڪري اهل، مخلص ۽ ديانتدار قيادت کي ڪامياب ڪري ته جيئن ملڪ ترقي ۽ عوامي مسئلا حل ٿي سگهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن بهادر آباد ۾ چونڊن جي سلسلي ۾ ڪونائيل ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ڪيو جنهن ۾ مرد توڙي عورتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. محمد حسين محنتي وڌيڪ چيو ته مهانگائي کان ويندي بدامني ۽ سيلاب متاثرين جي دادرسي تائين جماعت اسلامي ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ سگهارو آواز بڻجي رهي آهي. عوام پنهنجي ووٽ ذريعي خدمت جو موقعو ڏنو ته سنڌس ڀرپور خدمت ڪنداسين.

بقايا ❋❋❋ 27

نامزدگي فارم جمع ڪرايا جڏهن ته صوبائي اسيمبلي جي سيٽن لاءِ 260 فارم جاري ٿيا جن سان 188 مرد ۽ عورت اميدوارن پنهنجا نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن. سانگهڙ جي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر ڊاڪٽر عمران الحسن خواجا طرفان جاري ڪيل انگن اکرن مطابق قومي اسيمبلي جي تڪ اين

اي 209 سانگهڙ هڪ لاءِ ٽوٽل 124 نامزدگي فارم جاري ڪيا ويا جن مان 24 ڊسمبر تائين 33 مرد ۽ 9 عورت اميدوارن فارم جمع ڪرايا آهن اهڙي ريت اين اي 210 سانگهڙ ٽو لاءِ 71 فارم جاري ڪيا ويا جن مان 28 مرد ۽ 2 عورت اميدوارن نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن. صوبائي اسيمبلي جي سيٽن پي ايس 40 سانگهڙ هڪ لاءِ 150 فارم جاري ڪيا ويا جن مان 44 مرد ۽ هڪ عورت اميدوار نامزدگي فارم جمع ڪرايا. پي ايس 41 سانگهڙ ٽو لاءِ 90 فارم جاري ڪيا جن مان 36 مرد اميدوارن فارم جمع ڪرايا. پي ايس 42 سانگهڙ ٿري لاءِ 95 فارم جاري ڪيا جن مان 39 مرد ۽ هڪ عورت اميدوار فارم جمع ڪرايا. پي ايس 43 سانگهڙ فور لاءِ 70 فارم جاري ٿيا جن مان 30 مرد اميدوارن فارم جمع ڪرايا جڏهن ته پي ايس 44 سانگهڙ فائيو لاءِ 94 فارم جاري ڪيا جن مان 36 مرد ۽ هڪ عورت اميدوار پنهنجا نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن

بقايا ❋❋❋ 28

ڪيو ويو آهي. اسلام آباد پوليس جي ترجمان موجب مظاهرين جون ضمانتون منظور ٿي ويون آهن جنهن کان پوءِ اسلام آباد ۾ گرفتار ڪيل مظاهرين کي آزاد ڪيو ويو آهي. ترجمان موجب گرفتار ماڻهن جا وارث معلومات ۽ مدد جي لاءِ رابطو ڪن ته جيئن قانوني مدد ڪري سگهجي. اسلام آباد پوليس جي ترجمان ٻڌايو ته پوليس جي تحويل ۽ جيل مان آزاد ٿيندڙ ماڻهن جو انگ 290 آهي. مظاهرين حڪومت جي وزيرن واري ڪميٽي ۽ بلوچستان جي گورنر کان گرفتار ماڻهن کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو ترجمان موجب حڪومتي ڪميٽي ۽ بلوچستان جي گورنر به اهڙن ماڻهن کي آزاد ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي.

بقايا ❋❋❋ 29

ڪئي ملاقات ۾ صوبي ۾ امن امان، ڪراچي مان اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ حڪمت عملي، عام چونڊن دوران سيڪيورٽي قدمن سميت گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سنڌ جي گورنر چيو ته عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن هن چيو ته شهر مان اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ موثر حڪمت عملي ضروري آهي ڪامران خان ٽيسوري چيو ته پوليس جي گشت ۾ واڌ، سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو گورنر سنڌ چيو ته عام چونڊن لاءِ سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا وڃن نگران صوبائي گهرو وزير پاران سنڌ جي گورنر کي امن امان برقرار رکڻ جي قدمن تي تفصيلي بريفنگ

بقايا ❋❋❋ 30

ان حوالي سان هڪ مختصر وڊيو به جاري ڪئي آهي. وڊيو ۾ قائد اعظم کي برِ صغير جي مظلوم مسلمانن ۾ اميد جي روشني ۾ ڏيکاريو ويو آهي. پاڪ فضائيا جي ترجمان هڪ بيان ۾ چيو ويو آهي. ته قائداعظم هندستان جي مسلمانن کي متحد ڪري هڪ ڌار آزاد وطن حاصل ڪيو باني پاڪستان جي اڻ ٿڪ ڪاوشن سان ئي اسان آزاد رياست ۾ اسان ساهه کڻي رهيا آهيون. قائد اعظم جمهوريت، آزادي، مساوات، رواداري ۽ سماجي نصاف جي اصولن تي ٻڌل رياست جو بنياد رکيو.

بقايا ❋❋❋ 31

ڪئي ملاقات ۾ صوبي ۾ امن امان، ڪراچي مان اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ حڪمت عملي، عام چونڊن دوران سيڪيورٽي قدمن سميت گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سنڌ جي گورنر چيو ته عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن هن چيو ته شهر مان اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ موثر حڪمت عملي ضروري آهي ڪامران خان ٽيسوري چيو ته پوليس جي گشت ۾ واڌ، سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو گورنر سنڌ چيو ته عام چونڊن لاءِ سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا وڃن نگران صوبائي گهرو وزير پاران سنڌ جي گورنر کي امن امان برقرار رکڻ جي قدمن تي تفصيلي بريفنگ

بقايا ❋❋❋ 32

ڪئي ملاقات ۾ صوبي ۾ امن امان، ڪراچي مان اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ حڪمت عملي، عام چونڊن دوران سيڪيورٽي قدمن سميت گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سنڌ جي گورنر چيو ته عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن هن چيو ته شهر مان اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ موثر حڪمت عملي ضروري آهي ڪامران خان ٽيسوري چيو ته پوليس جي گشت ۾ واڌ، سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو گورنر سنڌ چيو ته عام چونڊن لاءِ سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا وڃن نگران

بقايا سنڌيار 01

علي جناح جي سالگره جو ڏينهن آهي خصوصي پاڪستان ۽ مسلمان تي احسان آهي هن جي ڪوشش سان ئي پاڪستان جي ملڪ وجود ۾ آهيو ۽ اليڪشن جي حوالي سان صحافي جي سوالن تي جواب ڏيندي چيو ته هي جنرل اليڪشن خيرن سان ٿي وڃي اسين ڀهرين به ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ۽ اڳتي به ڪامياب ٿي ڪري سين جي اميدن تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪنداسين

بقايا سنڌيار 02

ڏنيون آهن هن وڏيڪ چيو ته مونکي چون ٿا تنهنجو ملڪيت ۾ ڪو به حق ڪونهي جا بيوه جو مڙس جي ملڪيت ۾ ۽ اولاد جو مائٽ جي ملڪيت ۾ حق نه هوندو آهي هن وڏيڪ چيو ته بااثر ڏير ۽ ان جي پٽن مان مونکي ۽ منهنجي اولاد کي جان جو خطرو آهي هن آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کي اپيل ڪئي ته کين تحفظ فراهم ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 03

اڳيان مقصود احمد جوکيو صيفل الموڪ شاهه، شاهد سمون، ۽ پريس ڪلب جي ميمبرن پاران احتجاجي مظاهرو جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڊاڀيجي پريس ڪلب جي ميمبر ۽ مهراڻ ٽي وي جي پورٽر شبير احمد خاصخيلي جي مٿان حملو ڪندڙ پير بخش خاصخيلي ۽ سندس سائين کي پوليس پاران گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي مقصود احمد جوکيو صيفل الملوڪ شاهه شاهد سمون ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صحافي شبير خاصخيلي کي سرعام ليٽ شهر ۾ منشيات فروش جاني خاصخيلي جي ساٿاري پير بخش خاصخيلي ۽ چار نامعلوم ماڻهن شبير خاصخيلي مٿان لٺين سان تشدد ڪندا رهيا ۽ ليٽ شهر ۾ ڪيس زخمي ڪري روانا ٿي ويا جڏهن شبير خاصخيلي ميرپور ساڪرو ٿاڻي تي وڃي رهيو هيو ته وري پيهر ڪار گاڏي نمبر BMG 220 ڪيس اڳيان ڏئي ڌمڪايو ويو ته جيڪڏهن ٿاڻي تي اسان جي خلاف ڪيس داخل ڪيو ته واپسي ۾ توکي ماري قتل ڪري ڇڏينداسين ۽ هوائي فائر ڪري فرار ٿي ويا جنهن ڪان پوءِ صحافي جي حالت ڳنڀير جوڳي هئڻ ڪري ڪيس ميرپور ساڪرو ٿاڻي ڪان پوءِ شيخ زيد هاسپيٽل ميرپور ساڪرو آندو ويو جتان ڪيس مڪلي ريفر ڪيو ويو سائس گڏ دوست حنيف چانڊيو به خوف ۾ اچي ويو ۽ ڪيس غلام الله روڊ ڪان سيول اسپتال مڪلي ڪٺائي ويو صحافي جي حالت اڃان تائين ڳنڀير جوڳي آهي هنن وڏيڪ چيو ته جيڪڏهن جلد پوليس جوابدار گرفتار نه ڪيا ته اسان ايس ايس پي آفيس ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻنداسين. انهي موقعي تي بشام جوکيو مشتاق پنيرو محمد علي ناهيو ياسين جوکيو گلزار جوکيو حفيظ جوکيو علي پنهور صدام پنهور حاجي ڪچي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 04

پاران صوبائي تڪ پي ايس 75 تان نامزد اميدوار سيد رياض شاهه شيرازي جا نامزدگي فارم پڻ منظور ٿي ويو ٻئي پاسي اڳوڻي صوبائي وزير سينيٽر سسئي پليجو ۽ سندس پاءُ جا نامزدگي جا ڪاغذ پڻ منظور ٿي ويا ياد رهي ته سسئي پليجو جا اين اي 225 ۽ پي ايس 76 ساڪرو تي نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا ئي جي صوبائي پي ايس 75 ۽ 76 سميت قومي اسمبلي واري تڪ اين اي 225 تي بئريسٽر سرمد پليجو جا به ڪاغذ منظور ٿي ويا ته

بقايا سنڌيار 05

امان الله چانڊيو، ڊاڪٽر زاهد اونو ، نيشنل الفلاح ٽرسٽ باني محمد علي شيخ ۽ ٻين چيو ته عباس ڊولپمينٽ فائونڊيشن پاران غريب ۽ مسڪين ماڻهن ۾ گرم ڪپڙا ، ڪمبل ۽ سوڙيون وغيره تقسيم ڪيا ويا آهن انڪانسواءِ ٻين فلاحي ڪمن ۾ پڻ وڌ ڪان وڌ سرگرم رهيا آهيون جيڪي علائقا پٽ تي پيل آهن انهن جو وزٽ ڪري مسڪين ۽ مستحق ماڻهن جي وس آهر سار لڌي وڃي ٿي ۽ انشاءَ الله هن فلاحي اداري جي پليٽ فارم تان اهڙيون سرگرميون جاري ساري رکيون وينديون ان موقعي تي مقامي اڳوائن گل محمد شيخ ، طفيل سهتو ، منور سهتو ، عبدالباري سهتو ۽ ٻين پاران آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪري سندن آجيان ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 06

منعقد ڪيل ثقافتي پروگرام ۾ اسڪولي ٻارن مختلف ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، ۽ قومي هيروز تي تقريرون ڪري کين خراج تحسين پيش ڪيو ويو جڏهن ته ٻارن طرفان قومي گيتن تي رقص ڪيو ويو اسڪول انتظاميا طرفان بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ٻارن ۾ انعام پڻ ورهايا ويا، ان موقعي تي اسڪول جي اونر ڊاڪٽر ابراهيم ميمڻ ۽ سر وقار عباسي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي ثقافت اسان جو قديم ورثو آهي، اڄ ناليج سيڪريس اسڪول جي شاگردن مختلف پروگرام ڪري پنهنجي بهترين ڪارڪردگي پيش ڪري پاڻ ملهايو آهي، جنهن تي کين سلام پيش ڪجي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته اسڪول ۾ ٻارن جي ذهني نشانماءِ ۽ انهن کي بهتر تفريح فراهم ڪرڻ لاءِ اهڙا ثقافتي پروگرام ڪرائڻ تي فخر محسوس ڪريون ٿا، ان موقعي تي پريس ڪلب دڙو جي صحافين وفا ميمڻ ۽ امتياز آڪاش ميمڻ ۽ ٻين مهمان طور شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 07

عورتن ۽ ٻارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. چرچن ۾ خاص عبادت سان گڏ عيسائي برادري پنهنجا مذهبي گيت به ڳايا. تقريب دوران مسيحي برادري ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ امن لاءِ خصوصي دعائون گهريون. تقريب جي پڄاڻي تي مسيحي برادري هڪ ٻئي کي مبارڪباد ڏني ۽ ڪرسمس جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو. عقيدتمندن کي منهن ڏيڻ لاءِ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. ان موقعي تي پوليس ۽ رينجرز اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو هو هيٺي طرف ڪرسمس جي موقعي تي چرچن سميت عيسائي برادري پنهنجن گهرن کي ڪرسمس ٽري ۽ جديد لائٽن سان سينگاريو آهي.

بقايا سنڌيار 08

جا مداح 8 فيبروري تي گهرن مان ٻاهر نڪرندا ۽ 8 فيبروري تي پي ٽي آءِ جي سمورن اميدوارن کي ووٽ ڏيندا ۽ ملڪ کي تباهه ڪرڻ وارن جو احتساب ڪندا. هن چيو ته اسان جون عوامي خدمتون عوام جي سامهون آهن، هنن اڳ به ميدان خالي ڪيو هو ۽ هاڻي ميدان خالي نه ڇڏيندا.

بقايا سنڌيار 09

۽ ضمير حسين شيخ نوح خواني ڪندا

بقايا سنڌيار 10

ڪرشن سوئيٽس شاپ تي تقريب ڪوٺائي وئي ۽ وزني ڪيڪ ڪٽيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي نامور سماجي اڳواڻ رحيمدائي اڪيڊمي جي صدر سينيئر صحافي رسول بخش رحيمدائي چيو ته قائداعظم محمد علي جناح جي ڏنل محبت جي پيغام کي عام ڪيو ويندو هن ملڪ لاءِ قربانيون ڏيندڙ شهيدن کي سلام پيش ڪريون ٿا. هن وڏيڪ چيو ته اسان کي هڪ قوم ٻڌجي نفرتون ختم ڪري محبت جو پيغام عام ڪرڻو پوندو، نه ڪو سنڌي، بلوچ، پٺاڻ، پنجابي ۽ ٻيون سموريون قومون صرف هڪ پاڪستاني قوم ٻڌجن ۽ هڪ ٻئي لاءِ پنهنجي دلين جا دروازا کولي ڇڏين، قائد اعظم محمد علي جناح جو فلسفو محبت ۽ نفرت کي ختم ڪرڻ آهي، چاهي توهان اقليت آهيو يا اڪثريت وارا هندو يا عيسائي، چائي سک، هي ملڪ اسان سڀني جو آهي، ايندڙ اليڪشن ۾ عوام پنهنجي من پسند اميدوار کي ووٽ ڏئي ۽ هڪ قوم ٻڌجو ۽ قومي سوچ سان اڳتي وڌو ۽ ڪرپشن ڪندڙن ۽ لٽيرن جي ملڪ ڪان ۽ لٽيرن ڪرپٽ ماڻهن ڪان پري رهو هن چيو ته ملڪ سان پيار ڪندڙ ۽ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪندڙ اڳوائن ۽ سياستدانن کي سمجهڻ گهرجي ته هي وقت ملڪ ۽ قوم جي اتحاد لاءِ امتحان ۾ ويهڻ جو آهي، اسان سڀ پنهنجي ملڪ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، قائداعظم محمد علي جناح جو پاڪستان کي دنيا جو پرامن، خوبصورت ۽ طاقتور ملڪ ٺاهڻ لاءِ اسان سڀني کي هڪ پليٽ فارم تي اچڻو پوندو ان موقعي تي پاڪستان زنده باد قائد اعظم محمد علي جناح زنده باد جا زوردار نعرا هنيا ويا. هٿن ۾ قومي جهنڊو کڻي بلند بانگ نعرا هنيا، تقريب ۾ سماجي ورڪر سوائي مل ملاڻي، نوجوان صحافي ڪرشن مالهي صديق سومرو، منصور سومرو، اياز لطيف سومرو، ڊاڪٽر مجنو ايم ملاڻي، عادل حسين رحيمدائي، اسد خاصخيلي، راجا مالهي، رانو مالهي سنتوش ڪمار، تيرٿ ڪمار، ڪيلاش ڪمار، هريش ڪمار ۽ ٻين چيو ته اسان سڀ پاڪستاني هڪ قوم آهيون ۽ رهنداسين ۽ پنهنجي وطن لاءِ محبت ڪڏهن به نه وطن سان محبت ۾ گهٽتائي نه ٿيندي ۽ هر وقت گلاب جي گل وانگر خوشبو ٻڌجي وطن عزيز جي وادين ۾ مهڪندا رهنداسين آخر ۾ ملڪ پاڪستان ۽ قوم جي سلامتي لاءِ دعا گهري وئي ۽ پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي ڏنل پيغام کي دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ جو عهد ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 11

.پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو سانگهڙ جي شهمير پهنور ڪالوني جي رهواسين پاران سانگهڙ پوليس اهلڪار عطائي ڊاڪٽر اشرف قريشي خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي غلام رسول يوسفزئي، عباس يوسفزئي ۽ ٻين چيو ته گذريل رات پوليس اهلڪار اشرف قريشي پنهنجي پائٽي مزمل قريشي ۽ حسنين خاصخيلي سان گڏ اسان جي 12 ورهين جي پٽ عرفان يوسفزئي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ دوران فائرنگ ڪري ڏني، معجزاڻه طور اسان بچي وياسين. جوابدارن اسان تي حملو ڪري پنهنجي ٻئي پاءُ پوليس اهلڪار شرافت قريشي کي وردي ۾ گهرائي ورتو جنهن جي ڊيوٽي سانگهڙ جي عدالت ۾ آهي. پوليس اهلڪار شرافت قريشي وردي جو فائدو وٺي پنهنجي پاءُ ۽ پٽ ۽ دوست کي ڇڏائي ٿاڻي تي وٺي وڃڻ بدران پنهنجي گهر وٺي ويو احتجاج ڪندڙن چيو ته اسان جوابدارن وٽان پستول، گوليون ۽ موٽرسائيڪل کسي ٿاڻي تي پوليس حوالي ڪيو پر پوليس جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، مجبورن اسان کي ميڊيا جي سامهون احتجاج ڪرڻو پيو مظاهرين جو چوڻ هو ته پوليس اهلڪار اشرف قريشي ڊيوٽي ڪرڻ بدران پاڙي ۾ عطائي ڊاڪٽر جي ڪلينڪ هلائي رهيو آهي. احتجاج ڪندڙن الزام هڻندي چيو ته اشرف قريشي ڪلينڪ اڳ ۾ به زنا ڪرڻ جهڙين حرڪتن ۾ ملوث رهيو آهي، ٽي مهينا اڳ اسان جي ٻارهن ورهين جي پٽ عرفان کي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻايو ويو هو، اثر رسوخ سبب ان وقت به پوليس ڪيس داخل نه ڪيو اسان وٽ زنا ڪرڻ جا ثبوت ۽ لکت ۾ غلطي تسليم ڪرڻ جو اسٽامپ پيپر پڻ موجود آهي، احتجاج ڪندڙن چيو ته جوابدار اشرف قريشي جي پاءُ شرافت قريشي، پائيٽيو مزمل سندس دوست حسنين خاصخيلي ۽ ٻن نامعلوم جوابدارن خلاف آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي سانگهڙ صدام حسين خاصخيلي نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڪن. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 12

جي رهواسڻ عورت مسمات جامان زال انور خاصخيلي ميڊيا سينٽر جهڏو تي احتجاج ڪندي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته منهنجو مڙس نشي جو عادي آهي آئون ڳوٺ ۾ پورهيو ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليان ٿي منهنجي مڙس انور کي منهنجا پاءُ علي محمد، ولو ۽ منهنجو ڏير شمون ورغلائن ٿا ته تون پنهنجي گهرواري کي قتل ڪري ڇڏ يا تون پاڻ خودڪشي ڪري ڇڏ ته اسان تنهنجي زال ۽ زميندارن کي ڦاسايون هن چيو ته جاٽايل ماڻهن جي چرچ تي منهنجو مڙس روزانو نشي جي حالت ۾ اچي مون کي بليڪ ميل ڪري ٿو ته آئون خودڪشي ڪري ڇڏيندس يا توکي ماري ڇڏيندس منهنجو مڙس خودڪشي ڪرڻ لاءِ رسو ڪيسي ۾ وجهي هلي پيو ۽ مون کي ڦاسائڻ لاءِ منهنجا پاءُ ۽ ڏير منهنجي مڙس سان ملي ڪري سازشون ڪري رهيا آهن هن چيو ته جيڪڏهن منهنجي مڙس خودڪشي ڪئي يا مون کي ڪوجاني نقصان ٿيو ته ان جا ذميوار منهنجا پاءُ ۽ منهنجو ڏير آهي هنن مان مونکي سخت خطرو آهي هن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 13

هائي ويز ڪاتي بدين جي انجنيئر جي پوسٽ تي ٿي برقرار رکيو آهي ۽ ڊسٽرڪٽ انجنيئر بلڊنگس ڪاتو بدين جو انجنيئر پرويز خواجو گذريل هڪ سال پهرين بدين کان پنهنجي بدلي جامشور ڪرائي ويو آهي پر ڪاتي جي اعلي عملدار کي ماهوار رشوت جي عيوض هن بدين جي چارج پڻ پاڻ وٽ رکي آهي ڪاتي جي ذريعي موجب ته هنن پنهي انجنيئرن ۽ ورڪس ۽ سروس ڪاتي بدين جي اڳوڻي سپرنٽيڊنٽ انجنيئر ۽ ڊسٽرڪٽ ڊوولپمنٽ ڪاتي بدين جي اڪائونٽ اسسٽنٽ تي بلڊنگس هائي ويز ڪاتن ۾ ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪرڻ جي الزام هيٺ اينٽي ڪرپشن ڪورٽ حيدرآباد ۾ پڻ ڪيس هلندڙ آهي جيڪو به لکين روپيا رشوت ڏيئي هنن پينڊنگ ڪرايو ڇڏيو آهي ذريعي موجب ته هنن پنهي ڄڻن جي ٻن پوسٽن تي پوسٽنگ نه فقط غير قانوني آهي پر سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ سنڌ هائي ڪورٽ جي حڪمن جي به خلاف ورضي آهي سنڌ جي نگران وڏي وزير ۽ اينٽي ڪرپشن ۽ سپريم ۽ سنڌ هائي ڪورٽ کي هن معامري جو نوٽيس وٺڻ گهرجي

بقايا سنڌيار 14

ڪرايا ويا آهن جڏهن ته صوبائي اسيمبلي تڪ پ اس 75 تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي ضلعي صدر سيد امجد شاهه. رئيس ارسلان خان بروهي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٿٽي جي سينيئر نائب صدر آصف راڄڙ ۽ رئيس مصطفيٰ چانڊيو پاران نامينيشن فارم جمع ڪرايا ويا آهن ۽ صوبائي تڪ پي ايس 76 تي رئيس ارسلان خان بروهي، پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٿٽي جي وومن ونگ جي صدر شناز بلوچ ۽ زيب عثمان جلباڻي پاران پنهنجا نامنشن فارم جمع ڪرايا ويا آهن پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي اڳوائن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن کين اليڪشن ۾ ليول پليئنگ فيلڊ ڏني وئي ته هو اليڪشن ۾ پ پ پ جو ڀرپور مقابلو ڪرڻ جي سگهه رکن ٿا چو ته عوام گذريل حڪومت جي ڪارڪردگي مان تمام گهڻو مايوس ٿي چڪو آهي پيپلز پارٽي هر پيري سنڌ جي وڏيرن جي ڪلهن تي تير رکي اليڪشن کٽندي رهي آهي پر هن پيري پاڪستان تحريڪ انصاف عوام جي سگهه سان کين سموري سنڌ ۾ اليڪشن دوران ٽف ٽائم ڏيندي اڳوائن جو وڏيڪ چوڻ هو ته اليڪشن ڪميشن پاران پي ٽي آئي کان بيٽ جو نشان واپس وٺڻ مان لڳي رهيو آهي ته اليڪشن ڪميشن ـ نوازشريف سميت مختلف پارٽين ۽ نواز شريف جي سهولتڪار وفاقي حڪومت کي خبر پئجي وئي آهي ته عوام اسان جي قائد عمران خان سان گڏ آهي اليڪشن ڪميشن پي ٽي آئي کان پلي ڏهه نشان واپس وٺي پي ٽي آئي جي اصل سڃاڻپ عمران خان آهي ۽ کين يقين آهي ته عمران خان جي قيادت ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف سموري ملڪ سميت ضلعي ٺٽي ۽ سنڌ مان انشاالله ڀرپور ڪاميابي حاصل ڪندي

بقايا سنڌيار 15

پريس ڪلب عمرڪوٽ جي مئنيجمينٽ ڪميٽي جي چيئرمين رسول بخش رحيمدائي سان سندن پاڃائي ۽ امير بخش خاصخيليءَ کي گهرواري جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا فرمائي ۽ لواحقين کي صبر جميل عطا فرمائي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي سردار محمد نعيم پلڪيو چيو ته پيپلزپارٽي اصل عوامي پارٽي آهي عوام جو شعور جوش بڌائي پيو ته هن اليڪشن ۾ پيپلزپارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي اهي به چانس آهن ته هيل وزيراعظم پاڪستان، پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٿئي اهو فيصلو آصف علي زرداي ڪندو هن وڏيڪ چيو ته عوام ووٽ ڏئي پيپلزپارٽي کي ڪامياب ڪندي مقابلو ٽڪر جو ٿيندو هن چيو ته رسول بخش رحيمدائي هميشه حق سچ جي راهه تي هليو آهي، رسول بخش رحيمدائي جي پاڃائي جي انتقال جي خبر ٻڌي ڏک اسين هتي آيا آهيون الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا فرمائي ۽ لواحقين کي صبر جميل عطا فرمائي آمين

بقايا سنڌيار 16

۽ ٻارڙي کي روورل هيلٿ سينٽر ٺاروشاهه پهچايو جتي ٻارڙي کي ڪتن واري وڪسين لڳرائي وڏيڪ رابطو ڪرڻ تي ٻارڙي جي پي عارف خانزاده ٻڌايو ته ٺاروشاهه شهر ۾ رولو ڪتن جو آزاروڏي ويو آهي زوز اسان جي ڪالوني ۾ سوين رولو ڪتا گهمندا آهن اسان ڪيترائي ڀيرا اها شڪايت ٽائون عملي کي ڪئي آهي پر ٽائون انتظاميا هن محل تائين ڪو به ايڪشن ناهي ورتو ٺاروشاهه ٽائون انتظاميا رشوتخوري ۽ مال هڙپ ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي هنن جا سٽيپر ويٺا تي ويل آهن سڄو شهر گندگي جي ور چڙهيل آهي نه ئي وري هنن ڪتا مار مهم شروع ڪئي اٿن هن لوڪل گورنمينٽ جي منسٽر ڊي سي نوشهرو فيروز کي مطالبو ڪندي چيو ته شهر ۾ رولو ڪتن خلاف ڪتا مار مهم شروع ڪئي وڃي جيئن ويڪ ڪنهن ٻارڙي ڪتن جي ڏاڙهڻ کان بچائي سگهجي

بقايا سنڌيار 17

. ڊرينج. پارڪن توڙي بلڊنگس وارو ڪم اڌ ۾ ڇڏيل سکر جي مختلف روڊن تي کوٽائي ڪري 8 فٽ جا کڏا کوٽائي ۽ روڊن کي اکيڙي اڌ ۾ ڇڏي ويا شهري روڊن جي تعميراتي ڪم نه ٿيڻ ڪري سخت پريشان ڊي سي سکر نگران حڪومت ۽ اينٽي ڪرپشن نيب نوٽيس وٺي تفصيل موجب : سکر جا ڪيترائي تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار بڻجي ويا ٺهيل روڊن کي اکيڙي ڇڏيو جنهن شڪارپور روڊ. دادو چوڪ نشون ڳوٺ. نيو پنڊ. بئراج روڊ. ايڪسائيز روڊ. بئراج روڊ. سميت ڪيترائي روڊ ۽ ڊرينيج وارو ڪم اڌ ۾ پيل آهي سکر جي شڪارپور روڊ دادو چوڪ لڳ 8 فٽ جا کڏا کوٽائي ڪم اڌ ۾ ڇڏي ٺيڪيدار فرار ٿي ويا آهن شهر ۾ داخل ٿيندڙ پاهريان ماڻهون روڊن جي اکڙجي وڃڻ ۽ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ سبب شهر کان ڪتجي ويا آهن روڊن جي مٽي واري دز سبب شهرين کي ساهه جون بيماريون به پکڙجڻ شروع ٿي ويون آهن ٽريفڪ به جاڻ ٿي وڃي ٿي جنهن سبب شهري توڙي مريضن کي اسپتالن ڏانهن ڪٽي ويندڙ ايمبولينس ٽريفڪ جام ٿيڻ سبب گاڏيون ڦاسي وڃن ٿيون ميئر سکر جا فرنٽ مين ٺيڪدار ٺيڪن جو ڪم واري رقم ايڊوانس وٺي اليڪشن ۾ خرچ ڪري رهيا آهن ترقياتي ڪم روڊن جو اڌ ۾ ڇڏي شهر مان غائب ٿي ويا آهن نگران وزيري اعلا سنڌ چيف سيڪريٽري ڊي سي سکر اينٽي ڪرپشن سکر نيب نوٽيس وٺي

بقايا سنڌيار 18

پسٽل جا بٽ هڻي زخمي ڪري وڌو، جنهن بعد سندس کان 10 هزار روڪ ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ياد رهي ته مسو پرگڙي تو عثمان شا روڊ شام ٿيندي ئي علائقي واسين لاءِ نوگو ايريا بڻجي ويو آهي. جڏهن ته حد جي پوليس انتظاميا گشت ڪرڻ ۽ ڌوهارين کي پڪڙڻ جي بجاءِ نقط منشيات فروشن کي تحفظ ڏيڻ ۾ پوري هوندي آهي.

بقايا سنڌيار 19

۾ مسلم ليگ ن جي صوبائي وائيس پريزيڊنٽ منظور احمدمغل ۽ نائب صوبايي صدر سنڌ زاهد حسين رند، ايڊوڪيٽ عبدالجبار راجپوت، علي محمد چانڊيو، اظهر رند، شڪيل احمد آرائين، دين محمدملڪ، احسان آرائين ۽ ٻيا شامل هيا ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مسلم ليگ اڳواڻ زاهد حسين رند چيو ته ميان محمد نواز شريف جو هاڻي ٻيهر وقت اچي ويو آهي ۽ اليڪشن ۾ عوام نواز شريف جي ڪيل خدمتن کي نظر رکندي ميان محمد نواز شريف کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندو اسين پرامید آهيون ته هاڻي پاڪستان جو ايندڙ وزير اعظم ميان محمد نواز شريف هوندو ان موقعي تي انور لعل مينارٽي ونگ پنهنجي ساٿين سميت مسلم ليگ ن ۾ شموليت ڪئي آخر ۾ ميان محمد نواز شريف لايي وڏي ڄمار ۽ صحت لاءِ دعا گهري ويي ۽ ڪيڪ ڪٽيو ويو ان موقعي تي پارٽي جي تسام ورڪرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 20

۽ پي ايس ست جي اميدوار امتياز احمد شيخ ۽ فراز امتياز شيخ سان ملاقات ڪئي، ان موقعي تي وارڊ 22 ۾ موجود مختلف برادرين جي معززين امتياز احمد شيخ ۽ فراز امتياز شيخ کي خاطري ڪرائي ته هو پي ايس ست تي سندن جي ڀرپور حمايت ڪندي ڪيس پنهنجي پولنگ کي ڪامياب ڪرائڻ جو يقين ڏياريو ان موقعي تي وارڊ 22 جو ڪائونسلر ممتاز ڀٽو، شفيق احمد شيخ ، فرخ خليل سومرو ، نعيم حسيني، جاويد جوکيو، عبدالخالق سومرو ، فراز دايو، عنايت چانڊيو حزب الله ڀٽو، شفيق ابڙو، الطاف شيخ، اختر قريشي ، عامر قريشي ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 21

ڪن هنڌن تي ڪاغذي ڪارروائي ۾ روڊ ۾ تيار پر رستن جي حالتن جهڙي سو تهڙي، نوٽيس وٺي ڪارروائي ڪرڻ جي گهر تفصيل موجب پنوعاقل جي يونين ڪائونسلز سلطانپور ،نارو همٿر ، روپهر ،جوٿاس ۽ ڊرب ۾ گذريل حڪومت جي وفاق پاران سکر ضلعي جي هوڊ ستيبل علائقن ۾ تباهه ٿي ويل روڊن جي مرمتي ڪمن لاءِ ڏنل ڪروڙين روپيا انتظاميا جي بي ڌياني سبب هڙپ ٿي ويا سکر جي بااثر ۽ سيد خورشيد احمد شاهه جي ويجهو سمجهو ويندڙ ٺيڪيدار نسيم شاهه پاران ڪنيل ڪروڙين رپين جي ٺيڪن کي ڪميشن عيوض ڏنل ننڍن ڪانٽريڪٽرن جن ۾ گل حسن هاليپوٽو غلام قادر سولنگي، ياسين ڪٽو، مير مهر، اسد الله شيخ سميت ٻين ٺيڪيدارن کي ڏنل ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويا جنهن ۾ ڳوٺ والو انڊڙ ڏانهن ويندڙ روڊ، ڳوٺ امين مهر ڏانهن ويندڙ روڊ، شاهه جي حويلي ڪان عارف مهر سومارجو تائين ٺهندڙ روڊ ،جلال انڊڙ کان وزير ملانو ،وزير ملانو کان مصري انڊڙ ،پانڌي مهر ، ولي محمد آرائين، روجو مهيسر کان جلال انڊڙ تائين ايندڙ ويندڙ روڊن جا ڪروڙين روپين جا ڪنيل نيڪا ڪاغذي ڪارروائي ۾ مڪمل ڄاڻائي ڪروڙين روپيا هڙپ ڪيا ويا آهن پر روڊن جو ڪم هن وقت به رولڙي جو شڪار بڻيل آهن ڪن جڳهن تي روڊن جي پاسي کان خالي مٽي وجهي ۽ پٿر اڇلائي ڪروڙين روپيا هڙپ ڪيا ويا آهن پر اعلي اختيارين جي ڪن تي جوءِ به ڪانه ٿي چري، هتان جي علائقي واسين سکر جي مها ڪرپٽ ٺيڪيدار، انجنيئر ۽ ايس ڊي او روڊس غلام مرتضي ساريو جي ڪيل ڪرپشن جو نوٽيس وٺي علائقي ۾ اڌ ۾ رهيل روڊن جو ڪم مڪمل ڪرائڻ جي گهر ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته خدارا اليڪشن کان اڳ روڊن جو ڪم مڪمل ڪرائي کين گهربل سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ سندن بي چيني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 22

ڏانڌلي ۽ امن امان جا مسئلا پيدا نه ٿيندا، چاڪاڻ ته پاڪ فوج ملڪ جو اهم ادارو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سکر ۾ نامزدگي ڪاغذن جي چنڊڇاڻ کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. خورشيد شاهه چيو ته ملڪ ۾ جيڪو ماحول آهي اهو سڀ ڪجهه نيڪ ناهي. جماعت اسلامي اليڪشن ۾ پنهنجو ووٽ آڻيندي، ڪنهن به پارٽي کي سادي اڪثريت حاصل نه ٿيندي ۽ اتحادين مان حڪومت ناهي ويندي ۽ پيپلز پارٽي اڳ ئي چوندي رهي آهي ته اسان گڏجي پاڪستان کي بچائڻو آهي، هاڻي اسان لاءِ ڪو مسئلو ناهي، اسان ان ئي ميدان تي کيڏنداسين جيڪو اسان کي مليو آهي، برابري واري رانڊ جو ميدان آهي. جڏهن چونڊون ٿيون ته امن امان سميت ٻيا مسئلا پاڻمرادو حل ٿي ويندا، هن چيو ته پيپلز پارٽي هن وقت ميدان ۾ آهي، مان قمر زمان ڪائره، نديم افضل چن، نذر محمد گوندل ۽ ٻين جي جلسن کي به ڏسي رهيو آهيان. راجا پرويز اشرف ته آهي پر ٻين پارٽين جو ڊرائنگ روم جي سياست هلي رهي آهي، جيڪڏهن هو بائيڪاٽ ڪن ته سندن ڊرائنگ روم جي سياست نظر نه ايندي. هن چيو ته اميد آهي ته چونڊون مقرر وقت تي ٿينديون، هن چيو ته انشاءَ الله چونڊن ۾ عوام کي سرپرائز ڏيندو. پ پ قيادت پاڪستان ۽ نظام کي بچائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

بقايا سنڌيار 23

۾ سمبوا جنرل سيڪريٽري ضلع خيرپورميرس ڊاڪٽر دلدار علي مگنيجوجي رهائشگاهه تي ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سهتا مگنيجا برادري جي اهم اڳوائن پاران شرڪت ڪئي وئي گڏجاڻي جي شروعات تلاوت قران پاڪ سان ڪئي وئي ان موقعي تي تعلقا صوپوديرو جي لاءِ سمبوا جي بادي جوڙي وئي جڏهن ته سمبوا صدر ضلع خيرپورميرس محمد رمضان سهتو ،سمبوا جنرل سيڪريٽري ڊويزن سکر استاد بشيراحمد سهتو ،ميمبر ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ڊويزن سکر فاروق علي مگنيجو ،سمبوا نائب صدر ضلع خيرپورميرس خان محمد سهتو ۽ سمبوا جنرل سيڪريٽري ضلع خيرپور ميرس ڊاڪٽر دلدار علي مگنيجو گڏجاڻي کي خطاب ڪندي چيو ته هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته برادري کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري مسئلن جو حل ڪڍون ۽ اهو پليٽ فارم سمبوا ئي آهي جيڪا سهتا مگنيجا برادري جي ڳوٺن ۾ صحت ۽ تعليم جون بهتر سهولتون ڏيارڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي چيو ته تعليم ڪانسواءِ ڪابه قوم ترقي نٿي ڪري سگهي تعليم ئي واحد هٿيار آهي جنهن سان جهالت جو خاتمو آڻي سگهجي ٿو هنن چيو ته خيرپورضلعي جي انن ئي تعلقن ۾ سمبوا جون باڊيون جوڙي هر ڳوٺ ۾ سمبوا يونٽ کوليا ويندا جيڪي برداري جي بهتري لاءِ ڪم ڪندا هنن وڏيڪ چيو ته اسان جو اصل مقصد اهو به آهي ته سهتا مگنيجا برادري جي هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ وڃي ڪري برادري جي ماڻهن ۾ پيدا ٿيل ننڍيون ننڍيون وڇوٽيون ۽ غلط فهميون ختم ڪرائي انهن کي ڪير ڪنڌ ٻڌائيون ته جيئن ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم ٿي سگهن ان موقعي تي غلام حسين مگنيجو استاد علي ڏنو مگنيجو محمد رفيق سهتو ،خالد حسين مگنيجو ،اميد علي سهتو ،غلام عابد سهتو ،استاد بنگل خان سهتو ،ديدار حسين مگنيجو ،علي گل سهتو ،مريد حسين مگنيجو ،ڊاڪٽر علي منار مگنيجو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا...!!!

بقايا سنڌيار 24

z

بقايا سنڌيار 25

شڪيل ميمڻ , نادر چانڊيو گهٽو خان نگڙ مظفر ڀٽو جوجي سومرو سميت زرداري برادري جي ٻن گروپن ۾ جهيڙي دوران سوڳوار پونئرن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي بلاول ڀٽو زرداري نوشهروفيروز جي مقامي قيادت سان پڻ ملاقات ڪئي، بلاول ڀٽو پاران ضلعي جي عهديدارن کي هدايت ڪئي ته هو 27 ڊسمبر تي ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ ڀرپور شرڪت ڪن. سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه. ضياءالحسن لنجار ۽ ٻيا اڳواڻ سائس گڏ هئا. بلاول ڀٽو جي آمد جي موقعي تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا

بقايا سنڌيار 26

جي تعاون سان سي ايس او برج پروجيڪٽ جي اندر پنجاب جو 4 ڏينهن جو ايڪسپوير وزٽ ڪرايو ويو وزٽ ۾ انڊس يوٿ ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳوائن عبد ويسر ،عظمت حسين ابڙو ۽ علي سومرو شرڪت ڪئي، وزٽ دوران پنجاب ۾ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جي اڳوائن سان ملاقات ڪرائي وئي، جنهن ۾ مختلف سماجي تنظيمن جي آفيسن جو پڻ دورو ڪيو ويو. ان دوران پروجيڪٽ ولڻ جا طريقا، انهن جو ورڪنگ اسٽرڪچر، تنظيم سازين ۽ تنظيم کي منظم ڪرڻ جي حڪمت عملين سميت سماجي بهتري لاءِ مختلف معالمن تي خيالن جو تبادلا خيالن ڪيو ويو. تنظيم جي اڳوائن ٻڌايو ته اسان جو اهو دورو انتهائي ڪارآمد رهيو، هن دوري دوران تمام گهڻو سکڻ ۽ سيکارڻ جو موقعو مليو

بقايا سنڌيار 27

جو جائزو ورتو ۽ مسيحي برادري کي ڪرسمس جي مبارڪباد ڏني ايس ايس پي ٺٽو ضلعي جي سمورن ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايڇ اوز سان گڏ ضلعي جي گرجا گهرن جو دورو ڪري سيڪيورٽي جو جائزو ورتو ۽ گرجا گهرن جي سربراهن ۽ فادرز سان ملاقات ڪري سندن خوشين ۾ شريڪ ٿيو ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي جو چوڻ هو ته ڪرسمس جي موقعي تي اقليتن جو تحفظ اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهي.

بقايا سنڌيار 28

.جي سلسلي ۾ سنڌ پبلڪ اسڪول ۾ تقريب منعقد ڪري ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي اڳوائن اسڪول جي سرواڻ محمد حنيف عباسي ڳالهائيندي چيو ته عظيم ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن قائد اعظم محمد علي جناح جي اڻٿڪ جدوجهد سبب اسان آزاد ملڪ ۾ رهون ٿا اسان کي قائد اعظم جي ڏسيل واٽ تي هلڻ گهرجي

بقايا سنڌيار 29

دعوت ۾ شرڪت لاءِ پهتو ته جيئي ڀٽو جيئي بلاول ڀٽو جي نعرن سان هن جو شاندار استقبال ڪيو ويو جلسي جي شروعات ڪلام پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي، مهمان خاص پيرمجيب الحق کي بوسڪي جو پٽڪو ٻڌرايو ۽ سنڌ جي ثقافت سنڌي ٽوپي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا. وڏيرو محمد حسين طرفان آجياڻو پيش ڪندي چيو ته ايندڙ جنرل اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ پير مجيب الحق جو سولنگي برادري پاران ڀرپور ساٿ ڏينداسين. جلسي کي خطاب ڪندي تڪ جي اين اي جي اميدوار پير مجيب الحق چيو ته 8 فيبروري تي ملڪ جو عوام تير جي نشان تي ٺپو هڻي پ پ پ اميدوارن کي ڪامياب بڻائيندو ۽ بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو نوجوان وزير اعظم ٿيندو. هن چيو ته 27 ڊسمبر تي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ لکين ماڻهو ڳڙهي خدابخش پهچي ثابت ڪندا ته عوام جي دلين ۾ اڄ به شهيد راڻي بينظير ڀٽو رهي ٿي. بلاول ڀٽو زرداري ملڪ کي بهتر نموني هلائي سگهي ٿو شهيد راڻي بينظير ڀٽو ملڪ جي غريب عوام جي حقن خاطر پنهنجي جان جو نظرانو ڏنو شهيد ڀٽو جو مشن کي تڪميل تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

بقايا سنڌيار 30

۽ سرپرستي اعلي يوٿ ويلفيئر سوسائٽي ضلع دادو لاهوتي منير احمد سيال جي نگراني ۾ علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري پارڪ ۾ پروگرام منعقد ڪيو ويو ۽ باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جي جنم ڏينهن جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ دعا خير گهري ۽ ريلي ڪڍي وئي تقريب ۾ مهمان خاص ڊپٽي ڊائريڪٽر اين سي ايڇ دادو منظور احمد زئنور، مرڪزي اڳواڻ آپڪا احمد علي ڏاهري، مسرور احمد هاليپوٽو اسد الله ڏاهري، محمد عرس پاٽ ، يوٿ ويلفئير سوسائٽي ضلع دادوجي چيئرمين سليم اختر پنهور، جنرل سيڪريٽري قربان کوسو، سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو، حيدر پنهور، عابد چارڻ ۽ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي لاهوتي منيراحمد سيال ۽ سليم اختر پنهور چيو ته زنده قومون پنهنجي قومي هيروز کي نه وساريندیون آهن زنده قومون پنهنجي هيروز جي ڏهاڙن کي شان ۽ شوڪت سان ملهائينديون پيون اڄ جن ۾ ميلاد شريف، قومي ڏينهن، ثقافتي ڏينهن کي هميشه ياد رکون ٿا ۽ قائد اعظم محمد علي جناح، علامه اقبال، مولانا محمد علي جوهر اسان جا قائد ۽ پاڪستان جا قومي هيروز آهي جنهن اسان کي هڪ آزاد رياست ۽ اسلامي ملڪ پاڪستان جو خواب ڏيکاريو ۽ ان کي هڪ اسلامي ملڪ بڻايو چوته اسان جي بزرگن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ۽ وڏيون قربانيون ڏنيون تڏهن ملڪ آزاد ٿيو استادن کي گهرجي ته هو اسڪولن ۾ ٻارڙن کي قائد اعظم محمد علي جناح جو قوم لاءِ ڏنل پيغام ايمان، اتحاد ۽ يائيچاري بابت ۽ پاڪستان جي تاريخ جن ۾ 23 مارچ، 14 آگسٽ ۽ 6 سيپٽمبر جي ڏهاڙن جي اهميت ٻڌائين ته جيئن انهن مستقبل جي معمارن کي قومي هيرن جي ڏهاڙن جي اهميت کان باخبر رکڻ انتهائي ضروري آهي.

بقايا سنڌيار 31

معاشي ترقي ۾ 70 سيڪڙو کان وڏيڪ ننڍن واپارين جو ڪردار آهي، سکر دورو ڪري ننڍن واپارين جي اڳوائن سان ملاقات جو مقصد چونڊن ۾ مثالي ڪاميابي حاصل ڪري ننڍن واپارين کي به فيڊريشن پاڪستان چيمبر آف ڪامرس ۾ ڪاميٽيون ٺاهي نمائندگي ڏني وڃي ته جيئن انهن جا مسئلا به بهتر انداز سان حل ٿي سگهن. اهڙن خيالن جو اظهار هنن تاجر سيڪريٽريٽ گولڊ سينٽر صرافه بازار ۾ سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين واپارين سان ملاقات ۽ پر هجوم پريس ڪانفرنس جي دوران يو ان موقعي تي سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ ڀرپور حمايت جو اعلان ڪيو ۽ آل پاڪستان توائز ايسوسي ايشن جي وائيس چيئرمين محمد عامر فاروقي به ڀرپور حمايت جو اعلان ڪندي پنهنجو ووٽ بي ايم پي گروپ کي ڏيڻ جو يقين ڏياريو ان موقعي تي سنڌ فلور ملز ايسوسي ايشن جو جنرل سيڪريٽري مختيار شامي، سکر اسمال ٽريڊرز جا حاجي غلام شبير ڀٽو، حاجي عبدالستار راجپوت، عبدالقادر شيواڻي، حافظ محمد شريف ڏاڏا، بابو فاروقي، محمد منير ميمڻ، عبدالباري انصاري، محمد رضوان قادري، محمد جاويد، شعيب ميمڻ، امداد جهنڊير، محمد اقبال، شاهد پتڏائي، وقاص بدر، سعيد احمد، ڪيلاش، خالد سومرو، محمد فيضان، امان الله ڀٽي، محمد آصف، افضل بندهاني ۽ ٻين به شرڪت ڪئي. پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ناصرحيات مگو ۽ محمد علي شيخ جو وڌيڪ چوڻ هو ته انشا الله 30 ڊسمبر جو سڄ بي ايم پي گروپ جي ڪاميابي جي نويد وٺي ايرندو اڄ سکر جي واپارين پيار ۽ محبت ڏيئي ڪري اسان کي مقروض بڻائي ڇڏيو آهي، انشا الله چونڊن ۾ ڪاميابي کان پوءِ سکر جو دورو ڪري ننڍن واپارين جي مسئلن جي حل لاءِ سکر اسمال ٽريڊرز جي اڳوائن کي به ڪاميٽين ۾ شامل ڪيو ويندو ان کان اڳ سکر پهچڻ تي مهمانن جو والهاڻو پرپاڪ استقبال ڪيو ويو ۽ انهن کي سنڌ جو روايتي تحفو سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پڻ پيش ڪيا.

بقايا سنڌيار 32

تو ڏي، محمد صديق سناٽي رپورٽ موجب رتوديرو واسي شهرجي مشهور ڪاروباري شخصيت حاجي رضا محمد سناٽي جي فرزند ڪامريڊ محمد صديق سناٽي رتوديرو نيشنل پريس ڪلب ڀهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ٽي اين ٽي آفيس پرسان بيدل رند 2021 ۾ پنهنجو سينٽر جو مونسان سودو ڪري شاهد گواهن اڳيان ايگريمينٽ ڪري مونکي سينٽر وکرو ڪيو ان جون سڀ شيون موجود آهن هن کي آءِ هڪ ڪروڙ روپيا ادا ڪيا باقي پئسه گاڏيون ۽ زمين وغيره وڪرو ڪري گڏ ڪيا مسلسل هن ڏي پئسه ڪٺي وڃي چوندو رهيس ته توهان پنهنجا بقايا پئسه کڻو سينٽر جو قبضو ڏيو پر هو مسلسل بهانا ڪري قبضو نٿو ڏي هن ڏي آءِ ڪيترائي معزز موڪليا ته مونسان مسئلو حل ڪر پر هو نه پئسه ٿو کڻي نه ئي وري سينٽر جو قبضو ٿو ڏئي توکن جا پئسا هڪ ڪروڙ روپيا به ڪائي ويو آهي پئسا تا گهرون ته آفيسرن وٽ درخواستون ڪري ڪوڙا ڪيس ٿو داخل ڪرائي خوامخواه تنگ ٿو ڪري اسان سڀ پائر ڪاروباري ماڻهو آهيون ڪاروبار ڪيون يا ويڻا آفيسرن وٽ صفايون ڏيون. هن ڊي آئي جي لاڙڪانو ايس ايس پي لاڙڪانو چيف جسٽس آف پاڪستان کي اپيل ڪندي چيو آهي ته شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي باقي بيدل رند کي پئسا ڪائڻ ڪونه ڏينداسين.

بقايا سنڌيار 33

مهورت تقريب منعقد ڪئي وئي هن تقريب جي صدارت 39 ڪتابن جي مرتب نامياري ليکڪ سليم چنا ڪئيتقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جنهن جي سعادت اسد علي بلڙ حاصل ڪئي ان کان پوءِ فقير تيمور علي جوڻيجو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا شعر پڙهيا ان موقعي تي سگا شاخ پاٽ شريف جي صدر گلزار ڪلهوڙو ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي سيڪريٽري حاڪم علي بلڙ صدارتي مهمان ناميارا ليکڪ سليم چنا کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا .ان کان پوءِ گڏيل طور تي 6 ڪتابن جي مهورت ڪئي وئي جن ۾ (ڳوليان ڳوليان م لهان ليکڪ سليم چنا) ، (شاهه لطيف جي شاعري جي موضوعاتي اهميت ليکڪ پروفيسر امينا خميساڻي)، (نم جي ڇانوري ۾ ليکڪ پروفيسر ڊاڪٽر عزرا سرور ڪنڊر) ، (هوا ڪا جهونڪا ليکڪ پروفيسر ڊاڪٽر عزرا سرور ڪنڊر) ، (ڪجه لکيم ڪجه نه لکيم ليکڪ پروفيسر ڊاڪٽر امداد صديقي) ، (مون ۾ آهين تون ليکڪ محمد اشرف سهتو) شامل هيا تقريب ۾ گلزار ڪلهوڙو پاٽائي محمد اعظم ميمڻ حاڪم علي بلڙ ۽ محمد زمان سومرو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته 39 ڪتابن جي مرتب سليم چنا جي ڪوشش سان اڄ 6 ڪتابن جي مهورت ٿي آهي هڪ ئي وقت 6 ڪتابن جي مهورت ڪرائيندي فخر ٿيو آهي تقريب ۾ سگا پاٽ شريف جي ميمبر شاهد حسين ميمڻ ناز اسٽار آرٽ ڪلب پاٽ شريف جي صدر ايم بچل ڪلهوڙو نوجوان سماج سڌارڪ ڊاڪٽر زبير علي چنا ۽ اظهار علي ڪلهوڙوٻچيو ته اجوڪي پروقار تقريب منعقد ڪرائڻ تي سگا ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جا ساٿي مبارڪ جا مستحق آهن . مهورتي تقريب ۾ صدارتي خطاب ڪندي سنڌ جي نامور ليکڪ سليم چنا چيو ته پاٽ شريف علم ادب جو ڳڙهه رهيو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو علمي ۽ ادبي ڪم هن وقت تائين به جاري آهي .هنن 6 ڪتابن جا موضوع ڏاڍا ڪارائتا آهن سگا ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جا سمورا دوست ڪيرون لهڻن جن هي مهورتي تقريب جو شاناٿتو پروگرام ڪيو تقريب ۾ صدام حسين چنا شعاب الدين لانگاهه فهد حسين چنا فياض حسين جوڻيجو غفار علي ڪلهوڙوهادي بخش چنا سميت شهر جي ٻين ماڻهن شرڪت ڪئي آخر ۾ 6 سالن جي شاهزيب علي ڪلهوڙو ڀٽائي سائين جا ترنم ۾ شعر پڙهي خوب داد حاصل ڪيو هن تقريب جي ڪاروائي سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي ڪائونسلر اياز علي ملاح هلائي.

بقايا سنڌيار 34

سرجيڪل وارڊ ۽ ڊائلاسز وارڊ جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي وائيس چانسلر پروفيسر اڪرام الدين اڄڻ جو چوڻ هو ته دادو سول اسپتال سنڌ حڪومت لمس حوالي ڪئي آهي، هن اسپتال ۾ مريضن ۽ هتان جي عوام کي سهولتون ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون، هن چيو ته هتي سرجيڪل وارڊ ۽ ڊائلاسز وارڊ ڪافي عرصي کان بند پيل هئا جن کي کولرايو ويو آهي، ڊائلاسز جا مريض دادو جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ سهولت نه هجڻ سبب نوابشاهه، حيدرآباد ۽ ڪراچي ڏانهن ڳرا ڪرايا ڪري سفر ڪرڻ تي مجبور هئا، هن چيو ته نئين تعمير ٿيندڙ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جا 2 بلاڪ اسان کي مليا آهن اجا 5 بلاڪ اسان کي هينڊ اوور نه ٿيا آهن، هن چيو ته جيئن مڪمل عمارت اسان کي ملندي دادو جي عوام جي خدمت بهتر ڪئي ويندي هتان جي عوام کي هر ممڪن صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون، جڏهن ته ان موقعي تي ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي جو چوڻ هو ته عوام جي خدمت تي يقين رکون ٿا، هتي ڊجيٽل ايڪسري جي پڻ شروعات ڪئي وئي آهي، هن چيو ته جلد دادو ۾ وينٽيليٽر ۽ آءِ سي يو وارڊ جي سهولت پڻ ڪئي ويندي، ڊي ايڇ ڪيو اسپتال کي جديد ڪري صحت جون سهولتون مريضن تائين پهچايون وينديون.

بقايا سنڌيار 35

.پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو سانگهڙ جي شهمير پهنور ڪالوني جي رهواسين پاران سانگهڙ پوليس اهلڪار عطائي ڊاڪٽر اشرف قريشي خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي غلام رسول يوسفزئي، عباس يوسفزئي ۽ ٻين چيو ته گذريل رات پوليس اهلڪار اشرف قريشي پنهنجي پائٽي مزمل قريشي ۽ حسنين خاصخيلي سان گڏ اسان جي 12 ورهين جي پٽ عرفان يوسفزئي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ دوران فائرنگ ڪري ڏني، معجزاڻه طور اسان بچي وياسين. جوابدارن اسان تي حملو ڪري پنهنجي ٻئي پاءُ پوليس اهلڪار شرافت قريشي کي وردي ۾ گهرائي ورتو جنهن جي ڊيوٽي سانگهڙ جي عدالت ۾ آهي. پوليس اهلڪار شرافت قريشي وردي جو فائدو وٺي پنهنجي پاءُ ۽ پٽ ۽ دوست کي ڇڏائي ٿاڻي تي وٺي وڃڻ بدران پنهنجي گهر وٺي ويو احتجاج ڪندڙن چيو ته اسان جوابدارن وٽان پستول، گوليون ۽ موٽرسائيڪل کسي ٿاڻي تي پوليس حوالي ڪيو پر پوليس جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، مجبورن اسان کي ميڊيا جي سامهون احتجاج ڪرڻو پيو مظاهرين جو چوڻ هو ته پوليس اهلڪار اشرف قريشي ڊيوٽي ڪرڻ بدران پاڙي ۾ عطائي ڊاڪٽر جي ڪلينڪ هلائي رهيو آهي. احتجاج ڪندڙن الزام هڻندي چيو ته اشرف قريشي ڪلينڪ اڳ ۾ به زنا ڪرڻ جهڙين حرڪتن ۾ ملوث رهيو آهي، ٽي مهينا اڳ اسان جي ٻارهن ورهين جي پٽ عرفان کي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻايو ويو هو اثر رسوخ سبب ان وقت به پوليس ڪيس داخل نه ڪيو اسان وٽ زنا ڪرڻ جا ثبوت ۽ لکت ۾ غلطي تسليم ڪرڻ جو اسٽامپ پيپر پڻ موجود آهي، احتجاج ڪندڙن چيو ته جوابدار اشرف قريشي جي پاءُ شرافت قريشي، پائيٽيو مزمل سندس دوست حسنين خاصخيلي ۽ ٻن نامعلوم جوابدارن خلاف آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي سانگهڙ صدام حسين خاصخيلي نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڪن. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 36

ڪرشن سوئيٽس شاپ تي تقريب ڪوٺائي وئي ۽ وزني ڪيڪ ڪٽيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي نامور سماجي اڳواڻ رحيمدائي اڪيڊمي جي صدر سينيئر صحافي رسول بخش رحيمدائي چيو ته قائداعظم محمد علي جناح جي ڏنل محبت جي پيغام کي عام ڪيو ويندو هن ملڪ لاءِ قربانيون ڏيندڙ شهيدن کي سلام پيش ڪريون ٿا، هن وڏيڪ چيو ته اسان کي هڪ قوم ٻڌجي نفرتون ختم ڪري محبت جو پيغام عام ڪرڻو پوندو، نه ڪو سنڌي، بلوچ، پٺاڻ، پنجابي ۽ ٻيون سموريون قومون صرف هڪ پاڪستاني قوم ٻڌجن ۽ هڪ ٻئي لاءِ پنهنجي دلين جا دروازا کولي ڇڏين، قائد اعظم محمد علي جناح جو فلسفو محبت ۽ نفرت کي ختم ڪرڻ آهي، چاهي توهان اقليت آهيو يا اڪثريت وارا هندو يا عيسائي، چائي سک، هي ملڪ اسان سڀني جو آهي، ايندڙ اليڪشن ۾ عوام پنهنجي من پسند اميدوار کي ووٽ ڏئي ۽ هڪ قوم ٻڌجو ۽ قومي سوچ سان اڳتي وڌو ۽ ڪرپشن ڪندڙن ۽ لٽيرن جي ملڪ ڪان ۽ لٽيرن ڪرپٽ ماڻهن ڪان پري رهو هن چيو ته ملڪ سان پيار ڪندڙ ۽ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪندڙ اڳوائن ۽ سياستدانن کي سمجهڻ گهرجي ته هي وقت ملڪ ۽ قوم جي اتحاد لاءِ امتحان ۾ ويهڻ جو آهي، اسان سڀ پنهنجي ملڪ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، قائداعظم محمد علي جناح جو پاڪستان کي دنيا جو پرامن، خوبصورت ۽ طاقتور ملڪ ٺاهڻ لاءِ اسان سڀني کي هڪ پليٽ فارم تي اچڻو پوندو ان موقعي تي پاڪستان زنده باد قائد اعظم محمد علي جناح زنده باد جا زوردار نعرا هنيا ويا. هٿن ۾ قومي جهنڊو کڻي بلند بانگ نعرا هنيا، تقريب ۾ سماجي ورڪر سوائي مل ملاڻي، نوجوان صحافي ڪرشن مالهي صديق سومرو، منصور سومرو، اياز لطيف سومرو، ڊاڪٽر مجنو ايم ملاڻي، عادل حسين رحيمدائي، اسد خاصخيلي، راجا مالهي، رانو مالهي سنتوش ڪمار، تيرٿ ڪمار، ڪيلاش ڪمار، هريش ڪمار ۽ ٻين چيو ته اسان سڀ پاڪستاني هڪ قوم آهيون ۽ رهنداسين ۽ پنهنجي وطن لاءِ محبت ڪڏهن به نه وطن سان محبت ۾ گهٽتائي نه ٿيندي ۽ هر وقت گلاب جي گل وانگر خوشبو ٻڌجي وطن عزيز جي وادين ۾ مهڪندا رهنداسين آخر ۾ ملڪ پاڪستان ۽ قوم جي سلامتي لاءِ دعا گهري وئي ۽ پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي ڏنل پيغام کي دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ جو عهد ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 37

سرجيڪل وارڊ ۽ ڊائلاسز وارڊ جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي وائيس چانسلر پروفيسر اڪرام الدين اڄڻ جو چوڻ هو ته دادو سول اسپتال سنڌ حڪومت لمس حوالي ڪئي آهي، هن اسپتال ۾ مريضن ۽ هتان جي عوام کي سهولتون ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون، هن چيو ته هتي سرجيڪل وارڊ ۽ ڊائلاسز وارڊ ڪافي عرصي کان بند پيل هئا جن کي کولرايو ويو آهي، ڊائلاسزجا مريض دادو جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ سهولت نه هجڻ سبب نوابشاهه، حيدرآباد ۽ ڪراچي ڏانهن ڳرا ڪرايا ڪري سفر ڪرڻ تي مجبور هئا، هن چيو ته نئين تعمير ٿيندڙ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جا 2 بلاڪ اسان کي مليا آهن اجا 5 بلاڪ اسان کي هينڊ اوور نه ٿيا آهن، هن چيو ته جيئن مڪمل عمارت اسان کي ملندي دادو جي عوام جي خدمت بهتر ڪئي ويندي هتان جي عوام کي هر ممڪن صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون، جڏهن ته ان موقعي تي ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي جو چوڻ هو ته عوام جي خدمت تي يقين رکون ٿا، هتي ڊجيٽل ايڪسري جي پڻ شروعات ڪئي وئي آهي، هن چيو ته جلد دادو ۾ وينٽيليٽر ۽ آءِ سي يو وارڊ جي سهولت پڻ ڪئي ويندي، ڊي ايڇ ڪيو اسپتال کي جديد ڪري صحت جون سهولتون مريضن تائين پهچايون وينديون.

بقايا سنڌيار 38

.پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو سانگهڙ جي شهمير پهنور ڪالوني جي رهواسين پاران سانگهڙ پوليس اهلڪار عطائي ڊاڪٽر اشرف قريشي خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي غلام رسول يوسفزئي، عباس يوسفزئي ۽ ٻين چيو ته گذريل رات پوليس اهلڪار اشرف قريشي پنهنجي پائٽي مزمل قريشي ۽ حسنين خاصخيلي سان گڏ اسان جي 12 ورهين جي پٽ عرفان يوسفزئي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ دوران فائرنگ ڪري ڏني، معجزاڻه طور اسان بچي وياسين. جوابدارن اسان تي حملو ڪري پنهنجي ٻئي پاءُ پوليس اهلڪار شرافت قريشي کي وردي ۾ گهرائي ورتو جنهن جي ڊيوٽي سانگهڙ جي عدالت ۾ آهي. پوليس اهلڪار شرافت قريشي وردي جو فائدو وٺي پنهنجي پاءُ ۽ پٽ ۽ دوست کي ڇڏائي ٿاڻي تي وٺي وڃڻ بدران پنهنجي گهر وٺي ويو احتجاج ڪندڙن چيو ته اسان جوابدارن وٽان پستول، گوليون ۽ موٽرسائيڪل کسي ٿاڻي تي پوليس حوالي ڪيو پر پوليس جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، مجبورن اسان کي ميڊيا جي سامهون احتجاج ڪرڻو پيو مظاهرين جو چوڻ هو ته پوليس اهلڪار اشرف قريشي ڊيوٽي ڪرڻ بدران پاڙي ۾ عطائي ڊاڪٽر جي ڪلينڪ هلائي رهيو آهي. احتجاج ڪندڙن الزام هڻندي چيو ته اشرف قريشي ڪلينڪ اڳ ۾ به زنا ڪرڻ جهڙين حرڪتن ۾ ملوث رهيو آهي، ٽي مهينا اڳ اسان جي ٻارهن ورهين جي پٽ عرفان کي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻايو ويو هو اثر رسوخ سبب ان وقت به پوليس ڪيس داخل نه ڪيو اسان وٽ زنا ڪرڻ جا ثبوت ۽ لکت ۾ غلطي تسليم ڪرڻ جو اسٽامپ پيپر پڻ موجود آهي، احتجاج ڪندڙن چيو ته جوابدار اشرف قريشي جي پاءُ شرافت قريشي، پائيٽيو مزمل سندس دوست حسنين خاصخيلي ۽ ٻن نامعلوم جوابدارن خلاف آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي سانگهڙ صدام حسين خاصخيلي نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڪن. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 39

سرجيڪل وارڊ ۽ ڊائلاسز وارڊ جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي وائيس چانسلر پروفيسر اڪرام الدين اڄڻ جو چوڻ هو ته دادو سول اسپتال سنڌ حڪومت لمس حوالي ڪئي آهي، هن اسپتال ۾ مريضن ۽ هتان جي عوام کي سهولتون ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون، هن چيو ته هتي سرجيڪل وارڊ ۽ ڊائلاسز وارڊ ڪافي عرصي کان بند پيل هئا جن کي کولرايو ويو آهي، ڊائلاسز جا مريض دادو جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ سهولت نه هجڻ سبب نوابشاهه، حيدرآباد ۽ ڪراچي ڏانهن ڳرا ڪرايا ڪري سفر ڪرڻ تي مجبور هئا، هن چيو ته نئين تعمير ٿيندڙ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جا 2 بلاڪ اسان کي مليا آهن اجا 5 بلاڪ اسان کي هينڊ اوور نه ٿيا آهن، هن چيو ته جيئن مڪمل عمارت اسان کي ملندي دادو جي عوام جي خدمت بهتر ڪئي ويندي هتان جي عوام کي هر ممڪن صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون، جڏهن ته ان موقعي تي ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي جو چوڻ هو ته عوام جي خدمت تي يقين رکون ٿا، هتي ڊجيٽل ايڪسري جي پڻ شروعات ڪئي وئي آهي، هن چيو ته جلد دادو ۾ وينٽيليٽر ۽ آءِ سي يو وارڊ جي سهولت پڻ ڪئي ويندي، ڊي ايڇ ڪيو اسپتال کي جديد ڪري صحت جون سهولتون مريضن تائين پهچايون وينديون.

بقايا سنڌيار 40

پاران صوبائي تڪ پي ايس 75 تان نامزد اميدوار سيد رياض شاهه شيرازي جا نامزدگي فارم پڻ منظور ٿي ويو ٻئي پاسي اڳوڻي صوبائي وزير سينيٽر سسئي پليجو ۽ سندس پاءُ جا نامزدگي جا ڪاغذ پڻ منظور ٿي ويا ياد رهي ته سسئي پليجو جا اين اي 225 ۽ پي ايس 76 ساڪرو تي نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا ئي جي صوبائي پي ايس 75 ۽ 76 سميت قومي اسمبلي واري تڪ اين اي 225 تي بئريسٽر سرمد پليجو جا به ڪاغذ منظور ٿي ويا ته

بقايا سنڌيار 41

پريس ڪلب عمرڪوٽ جي مئنيجمينٽ ڪميٽي جي چيئرمين رسول بخش رحيمدائي سان سندن پاڃائي ۽ امير بخش خاصخيليءَ کي گهرواري جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا فرمائي ۽ لواحقين کي صبر جميل عطا فرمائي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي سردار محمد نعيم پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو کي ڪامياب ڪندي مقابلو ٽڪر جو ٿيندو هن چيو ته رسول بخش رحيمدائي هميشه حق سچ جي راهه تي هليو آهي، رسول بخش رحيمدائي جي پاڃائي جي انتقال جي خبر ٻڌي ڏک اسين هتي آيا آهيون الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا فرمائي ۽ لواحقين کي صبر جميل عطا فرمائي آمين

Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
PRESS

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com